

اڈوريون
خواهشون!
(کهاڻيون)
ساجد حسين سومرو

اڈوريون خواهشون!

(کھاڻيون)

ساجد حسين سومرو



ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گھر

فهرست

- سنڌ سلامت نوٽ: **محمد سليمان وساڻ**
- مهاڳ: **يوسف جميل لغاري**
- پہ اکر: **حميد شڪيل گوزائي**
- تاثرات: **محمد الدين راجڙي**
- تاثرات: **حاڪم علي چانديو**
- تاثرات: **حافظ محمد بخش**
- **تاثرات: محب پيل**
- ليکڪ پاران: **ساجد حسين سومرو**

ڪهاڻيون

- فقير سائين جي دعا
- اڏوريون خواهشون
- سرڪاري اسپتال
- فيسبوڪي دوست جو وچوڙو
- انڈو عقيدو
- ڪمپني جي ڪال
- ميلو
- قسمت
- محسوساتي ڪيفيت
- نتيجو
- فراق
- سياسي يوتار
- انتقامي ڪاروائي

اختصاري ڪهاڻيون

- بي زبان جو انت
- شاعر جي ڏيءِ
- پٽڪيل غيرت
- سوچ
- صحافي

سنڌ سلامت پاران

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئو ڪتاب " اڏوريون خواهشون" اوهان اڳيان پيش آهي. هن مجموعي جو ليکڪ نئين ٿهيءَ جو نوجوان کهاڻيڪار ساجد حسين سومرو آهي.

سنڌ اندر هن مهل ساجد حسين سومرو سميت جيڪي به نوجوان مستقل مزاجي سان لکي رهيا آهن سي نہ صرف کهاڻي لکن پيا، بلڪ ڪالم، مضمون، تنقيد توڙي تحقيق واري ميدان ۾ به پاڻ ملهائن پيا. ساجد حسين سومرو اِهڙي المناڪي سماج ۾ هوندي قلم وسيلي جيڪا جدوجهد ڪئي آهي ۽ جهڙي ريت پوتارن ۽ انهن جي ڪمدارن جي اک ۾ ڪنڊو ثابت ٿيو آهي سا ڳالهه فخر لائق آهي. اڄ جي نوجوان کي به ساجد حسين سومرو وانگر بي باکي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. پنهنجي علم، ذات ۽ عقل و فهم وسيلي ڪيس وقت جي فرعونن سان جنگ جوٽڻ کپي.

ساجد حسين سومري جو هي ڪتاب ڪنهن به اداري ناهي ڇاپيو، تنهن ڪري هن پيار، پاڻپوهه، سڪ ۽ اڪير مان سنڌ سلامت ڏانهن موڪليو آهي ته جيئن آن لائين اپلوڊ ڪري سڀني سنڌين تائين پهچايون. پيارا ساجد، سنڌ سلامت ست اوهان سان گڏ هنن لکٹين کي به دلي موٽ ڏيندو. اوهان سڀني دوستن، پائرن، سجڻن، بزرگن ۽ ساڃاهه وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام.
Sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

مهاڳ

دردن جي دستاويز جهڙيون کهاڻيون!

آئون ڪائناتي لقائن بابت انتهائي گهٽ معلومات رکندڙ شخص آهيان. مون کي بس ايتري سُڌ آهي ته هَن ڪائنات ۾ ٻه شيون ڏاڍيون قديم آهن. هڪ حضرت انسان ۽ ٻيو انهي جو درد جيڪو صدين کان ساڻس گڏ آهي. اِنهي درد حضرت انسان کي جيڪا ڪامل ترقي نصيب ڪرائي آهي. سو بنهه ڪمال جي ڳالهه آهي. دنيا ۾ بن قسمن جا ماڻهو رهن ٿا. هڪڙا ماڻهو پنهنجي مٿان ڏاڍ، ظلم، جبر ۽ بي واجبي کي انتهائي آساني سان خاموش ٿي ڪري برداشت ڪري وجن ٿا ۽ اُنهي وارتا خلاف ٻڪ ٻه ٻاهر نه ڪيندا آهن. اهڙن ماڻهن جي خاموشي استحصالي قوتن کي سگهارو ڪندي آهي. اِنهي جي برعڪس وري ٻيا ماڻهو نه صرف پنهنجي مٿان ٿيندڙ ظلم، بلڪ آس پاس توڙي معاشري ۾ برپا ٿيندڙ هر هڪ نقصان ده عنصر جي نشاندهي ڪري انهي خلاف مزاحمت ڪن ٿا. اِها مزاحمت، اِها بغاوت يا ته تقريري انداز ۾ هجي ٿو يا وري تحريري انداز ۾. اظهار جا هِي ٻئي نمونا پنهنجي جاءَ تي سُنو اثر ڇڏيندڙ آهن. اِنهي نموني ساجد حسين سومري ٻه پنهنجي جهاد جو جيڪو نمونو اختيار ڪيو آهي سو تحريري آهي.

مون جڏهن هن مجموعي ۾ موجود کهاڻيون پڙهيون ته مون کي محسوس ٿيو ته واقعي هڪ کهاڻيڪار لاءِ سندس کهاڻيون ڪُل ملڪيت هجن ٿيون. چو ته انهن کهاڻين ۾ کهاڻيڪار جا خواب سمايل هوندا آهن. سندس حسرتون سمايل هونديون آهن. محبوب کي ڪجهه ڏوراپا ڏنل هوندا آهن. سماج خلاف ڪجهه ڪروڌ اظهاريل هوندو آهي. هڪ کهاڻيڪار جڏهن کهاڻي لکندو آهي ته سيني کان پهريان هو پنهنجي پاڻ کي انهي کهاڻي ۾ تحليل ڪندو آهي. پنهنجي عقيدي، عقل، ڏاهپ کي پاسي تي رکي هُو ٻين جي زبان ٿي پوندو آهي. ٻين تي ٿيل ظلم جي داستان کي بيان ڪندو آهي. اِهڙي نموني تڏهن ئي وجي ڪري سندس کهاڻيون ٻين جي دلين ۽ دماغن تي حاوي ٿيندڙيون آهن ۽ انهن تي ديرپا اثر ڇڏيندڙيون آهن. ساجد جون کهاڻيون ٻه ڪجهه

اهڙي ئي نموني جون کهاڻيون آهن. هنن کهاڻين ۾ ڪردار نہ صرف ڳالهاين ٿا پر سماج اندر نفرت پري ريتن ۽ رسمن خلاف اعلان بغاوت ڪندي نظر اچن ٿا.

سنڌي ادب ۾ هن وقت ڪوڙ سارا تخليقڪار طب آزمائي ڪري رهيا آهن. هڪڙا شعر و شاعري واري جهان ۾ گم آهن تہ ٻيا وري محبوبن جي قصيده گوئي ۾ گم آهن. تمام ٿورا اهڙا ليکڪ آهن جيڪي پاڻ کي ڇڏي ڪري پنهنجي معاشري تي مشاهداتي نظر رکيون وينا آهن ۽ انهن جي هر هڪ لکڻي ۾ معاشري جو عڪس ۽ اولڙو ڇڻو نظر اچي ٿو. انسان کي جيڪڏهن رب تعاليٰ لکڻ، سمجهڻ ۽ فڪر ڪرڻ واري وات ڏيکاري آهي تہ بهتر آهي تہ ماڻهو ٻين لاءِ فڪرمند رهي، ٻين جي دردن جو پرجهلو ٿئي. پنهنجي ذات ۽ قلم کي ٻين جي راهن هموار ڪرڻ لاءِ وقف ڪري. ساجد حسين سومرو سنڌ جي اهڙي ضلعي سان تعلق رکي ٿو جنهن ۾ عوام الناس جي قسمت جا فيصلا اُتان جا واڳ ڏڻي مطلب سردار ڪندا آهن. جيتوڻيڪ پاڻ سيئي آهيون تہ هڪ ئي قوم جا فرد پر انهي جي باوجود بہ ساڳي قوم کي ٽُڪرن ۾ ورهائي جهڙي نموني مونجهارن ۽ تضادن جي ور چاڙهيو ويو آهي سو بنهہ ڏک ڏيندڙ ڳالهہ آهي.

ساجد حسين سومرو اِهڙي المناڪي سماج ۾ هوندي قلم وسيلي جيڪا جدوجهد ڪئي آهي ۽ جهڙي ريت پوتارن ۽ انهن جي ڪمدارن جي اک ۾ ڪنڊو ثابت ٿيو آهي سا ڳالهہ فخر لائق آهي. اڄ جي نوجوان کي بہ ساجد حسين سومرو وانگر بي باڪي جو مظاهرو ڪرڻ گهرجي. پنهنجي علم، ذات ۽ عقل و فهم وسيلي ڪيس وقت جي فرعونن سان جنگ جوٽڻ کپي. چو تہ پڙهيل لکيل ۽ باشعور طبقي جي خاموشي لاشعور ۽ جابر طبقي کي ايا وڌيڪ مستحڪم ڪندي آهي تہ هُو مظلومن تي پنهنجو ڏاڍ ۽ ظلم جاري رکن. ساجد حسين سومرو جيڪي کهاڻيون لکيون آهن سي دردن جي دستاويز جهڙيون کهاڻيون آهن. سندس کهاڻيون انتهائي سادي اسلوب سان لکيل آهن. جنهن ڪري ادب دوست توڙي عام ماڻهو جي فهم ۾ جلدي سمجهڻ جوڳيون آهن. کهاڻي کي انتهائي آسان هجڻ بہ گهرجي تہ جئين عام ماڻهو انهي مان ڪجهہ پرائي سگهي. اجايو کهاڻي کي نہ تويل ڪرڻ گهرجي. نہ اُن ۾ گهڻي ڳُجهہ رکجي ۽ نہ ئي انهي ۾ ڳُتيل لفظ اُتڻ گهرجن.

دنيا جهڙي رفتار سان ترقي ڪري رهي آهي. انهي رفتار جي آڏار تي پنهنجو معاشرو جهڙوڪ پورو ته نه ٿو لهي پر انهي جي باجود به پاڻ دنيا سان گڏ هلڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. انهي ڪوشش جي عيوض اڄ اسان وٽ عام رواجي شين ۾ جدت پڻ آئي آهي. انهي جدت اسان جي سوچن ۾ پڻ نواڻ آندي آهي. اِها نواڻ جڏهن قلم وسيلي ڪاغذن تي جنم وٺندو آهي ته انهي مان گهڻا ئي اونداهه ذهن مستفيد ٿيندا آهن. ڪاغذ ۽ قلم جو جيڪو پاڻ ۾ ناتو آهي سو ناتو اڄ جو نه بلڪ صديون پراڻو ناتو آهي. اِنهي ناتي دنيا ۾ حيران ڪن تبديليون رونما ڪرايون آهن. اڄ جو انسان چاهي ٿو ته ڪيس هر هڪ شئي انتهائي مختصر وقت ۾ ملي ۽ وڌي ڳالهه ته اِها آهي جو جيڪا شئي موصول ٿئي سا خود به مختصر کان مختصر هجي.

اِنهي تجربي ۽ سوچ، ڪهاڻي کي به مختصر ڪهاڻي جو روپ ڏنو. اسان وٽ پهريان تويل ڪهاڻي لکي ويندي هئي. اڳتي هلي اُها مختصر ٿي ۽ ڪيس اختصاري ڪهاڻي سڏيو ويو. وقت جي مناسبت سان سئو اکري ڪهاڻي جنم ورتو وري هاڻ ته دنيا ايتري ترقي ڪري ورتي آهي جو اِها ڪهاڻي فليش فڪشن ٿي چڪي آهي. يعنيٰ ڪئميرا جي پهرين جيڪا چمڪ هجي ٿي انهي کي فليش چئبو آهي. فليش فڪشن مطلب هڪ چمڪ ۾ پورو قصو سمجهه ۾ اچي وجي. ڪهاڻي جي اِها ترقي تاريخ جي ورقن ۾ سونهرن لفظن سان درج ڪئي ويندي. ڪهاڻي جي صنف ۾ مون گهنگار به هڪ تجربو ڪيو آهي جنهن کي مون نالو ڏنو آهي "ڪائونٽر ڪهاڻي". هاڻ ڏسٽو اِهو آهي ته مون طرفان شروع ڪيل انهي ڪهاڻي واري انداز کي ڪيتري وقت ۾ ترقي ملي ٿي ۽ ان تي ڪيترا دوست طب آزمائي ڪن ٿا.

ڪجهه عرصو پهريان سنڌ اندر هڪ وڏو بحث شروع ٿيو. هتي جيڪي مها اديب ۽ مها ڪهاڻيڪار طور سُڃاتا ويندا آهن تن ڪانفرنسن ۾ اهو چوڻ شروع ڪيو ته سنڌ اندر ڪهاڻي مري رهي آهي. مطلب ڪهاڻي جي صنف ڪمزور ٿي رهي آهي. جڏهن مون هي ڳالهه ٻڌي ته آئون حيرت ۾ پئجي ويس. انهن ڪهاڻيڪارن کي صرف اِها خام خيالي هئي ته ڪهاڻي صرف اُهي ئي لکي سگهن ٿا باقي پوري سنڌ اندر سيئي ماڻهو ڪهاڻي لکڻ کان اڻ واقف آهن. اڙي بابا توهان جي لکڻ يا نه لکڻ، توهان جي هجڻ يا نه هجڻ سان نه ئي ڪا صنف تباهه ٿيندي ۽ نه ئي ڪهاڻي ڪڏهن مرندي. چو ته ادب ۾

جڏهن ب کو نوجوان داخل ٿيندو آهي ت اهو نظم ۾ پهريان غزل لکڻ جي کوشش کندو آهي ۽ جيکڏهن نثر طرف ايندو آهي ت سڀ کان پهريان کهاڻي لکڻ شروع کندو آهي. ان لاءِ کهاڻي بابت اجائي غلط فهميون ۽ مونجهارا پيدا نہ کريو.

سنڌ اندر هن مهل ساجد حسين سومرو سميت جيکي ب نوجوان مستقل مزاجي سان لکي رهيا آهن سي نہ صرف کهاڻي لکن پيا، بلک کالم، مضمون، تنقيد توڙي تحقيق واري ميدان ۾ ب پاڻ ملهائن پيا. اهڙي خوشگوار ماحول جي هجڻ جي باوجود ب جيکڏهن پاڻ کان پوءِ سڃي سنسار کي اونداهه تسليم کجي ت يقينن اهو عمل شعوري عمل ت کونہ هوندو. کتاب جي ڇپائي کان وٺي کري اخبارن، رسالن ۽ ٻين اشاعتي مرحلن ۾ اڄ ب پنهنجا نوازي واري راويت برقرار آهي. جنهن سبب سنڌ جا کافي تخليقکار گهٽو کجهه هجڻ جي باوجود ب ڄڻ کجهه کونہ آهن. ڇو ت انهن جي تخليق کي ماڻهن جي آڏو اڇڻ جو موقعو ئي کونہ ملندو آهي. گهٽا ت وري مون اهڙا ب ڏٺا آهن جن کي اشاعتي وسيلن جي ئي مڪمل جاڻ کونہ آهي. جنهن سبب ب اُهي پوئتي رهجي ويا آهن. سنڌ اندر لاعلمي هک وڏو الميو آهي. جيکو تخليقکار کي کائيندو ٿو وڃي.

ساجد حسين سومرو ب ڳڃ عرصي کان علم ۽ ادب سان سلهاڙيل هک باشعور نوجوان آهي. سندس تحريرون خواه کهاڻيون هجن يا کالم، هن ڌرتي جي دردن جي عڪاسي کن ٿيون. هن کتاب ۾ موجود سندس سيئي کهاڻيون جيتوڻيڪ کهاڻي جي فن جي حوالي سان کجهه ڦکيون، منيون ٿي سگهن ٿيون پر سندس سوچ ۽ فکر مان اِهو ئي معلوم ٿئي ٿو ت سندس وٽ انفرادي سوچ جي بدران اجتماعي سوچ آهي. جيکا کيس مسلسل لکڻ تي مجبور کري ٿي ۽ هي نوجوان مسلسل لکندو رهندو آهي. کهاڻين جي هن مجموعي ۾ سندس پهرين کهاڻي " فقير سائين جي دعا" ۽ " ٻي کهاڻي " انڈو عقيدو" انهي ڳالهه جي شاهدي ڏين ٿيون ت اسان وٽ اڄ ب ٻهراڙين ۾ عورتون، توڙي گهٽ پڙهيا لکيا نوجوان جعلي عاملن ۽ فقيرن جي کوڙن ڏاڳن، ڦيٽن ۽ ڏڻن تي يقين رکن ٿا. انهي عقيدي الائي ت کيترا وسندڙ گهر اُجاڑيا آهن ۽ الائي ت کيترن نوجوانن جي خوابن جي غلط تشريع کري کين زندگي پر دربدري نصيب کئي آهي. معاشري جي اهڙن غلطن ريتن توڙي رسمن جي نشاندهي کري ماڻهن کي انهي کان آگاهه کرڻ هک اهل علم ۽ باشعور فرد جو ئي کم آهي. اِها

ذميواري هڪ اديب، کهاڻيڪار ۽ دانشور تي به عائد ٿئي ٿو هو ماڻهن کي اونداهي کان خبردار ڪري ۽ روشني جو ڏس ٻڌائي، سجاڳي جو سڏ ڏئي ٿو جئين سماج ۾ پيدا ٿيندڙ غلط ريتون ۽ رسمون ناپيد ٿي وڃن.

مون جڏهن کهاڻي" اڏوريون خواهشون"، " سرڪاري اسپتال" ۽ " فيسبڪي دوست جو وچوڙو" پڙهيو تہ آئون حيرت زده ٿي ويس. ڇو تہ هنن ٽنهي کهاڻين جي انت ۾ جيڪو المناڪ وچوڙو ڏيکاريل آهي انهي جو بنيادي ڪارڻ رودِ حادثن وسيلي واقع ٿيل ايڪسيڈنٽ آهي. جيڪي اڪثر ٽرالر جي ٽڪر سبب برپا ٿيا آهن. انهي ڳالهه کان قطعي انڪار نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ڪو اسان وٽ رودِ انتهائي محفوظ آهن ۽ انهن تي هلندڙ وزني گاڏيون ۽ ٽرالر قانون تي عمل پيرا ٿيندي سفر طئي ڪندیون آهن. اسان وٽ تہ رودِ موت جو راڪاس آهن. خاص ڪري انهن شهرن لاءِ جيڪي رودِن جي ويجها قائم ٿيل آهن. اتان جي ماڻهن کي گهٽو نقصان ڪٽو پوي ٿو. ڊرائيورن جي انهي لاپرواهين سبب ڪافي امڙين جون جهوليون خالي ٿيون آهن پر هتي حالت اِها آهي جو آئي ڏينهن حادثا ٿيڻ جي باوجود به حڪومت ڪوبہ تحرڪ ڪونہ ونندي آهي. سڄي پوڳنا صرف جو صرف عوام کي ئي پوڳٽو پوندو آهي. هنن ٽنهي کهاڻين منهنجي ذهن کي ايترو تہ ولوڙيو جو آئون کي ئي ساعتون غم واري ڪيفيت ۾ مبتلا رهيس ۽ اِهو سوچيندو رهيس تہ هن ڏرتي جو پاڻ ڪڏهن سٽائو ٿيندو.

ساجد حسين سومرو کهاڻين ۾ احساس پريا آهن. ڪيفيتن کي مختلف رنگن ۾ ڪاغذ تي آڻي ڪري بيهاريو اٿس. سندس مزاج، پسند توڙي نا پسند جي اسان کي اتي ئي پروڙ پئي ٿي تہ هُو کهڙي اک سان هن سماج جو جائزو ونڻي ٿو ۽ شين کي ڏسڻ لاءِ سندس وٽ کهڙا طور ۽ طريقا آهن. آئون ساجد حسين سومرو کي مڪمل طور تي ڪامل انسان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ قطعي ڪونہ آهيان. سندس کهاڻين ۾ ضرور ڪجهه اوڻايون هونديون، ڪجهه گهٽ وڌايون هونديون. ممڪن آهي سندس ڪا کهاڻي توهان کي بنهه پسند نہ اچي ۽ ائين به ممڪن آهي تہ سندس ڪا کهاڻي توهان جي اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏي. هاڻ باقي فيصلو توهان پڙهندڙن کي ڪرڻو آهي تہ ساجد پنهنجي قلم وسيلي هن ڏرتي جي ڏکن کي ڪيتري احسن نموني سان توهان آڏو پيش ڪيو آهي ۽ توهان انهي مان ڪيترو مسفيد ٿيا آهيو. ڇو تہ هر هڪ پڙهندڙ جو هڪ پنهنجو الڳ امتياز هجي ٿو. انهي جو پنهنجو هڪ الڳ مطالعو هجي ٿو ۽ انهي وٽ

شين کي سمجهڻ، ڏسڻ ۽ پرکڻ جو هڪ الڳ طريقو هجي ٿو. انهي نموني توهان مهربان جيتري قدر اعتدالي نموني سندس محنت کي تسليم ڪندا تهڙي ئي نموني ليکڪ کي اُتساهه ملندو ۽ سندس محنتن جو ڦل به کيس ملندو. سدائين گڏ، سنڌ سلامت سات سلامت.

يوسف جميل لغاري
ٺري ميرواهه

سماج جي تصوير ڪشي ڪندڙ نوجوان ليکڪ!

سنڌ جي سرموڙ ليکڪ، اديب، ڏاهي ۽ سنڌ پرست محترم عبدالواحد آريسر صاحب پنهنجي ڪتاب "وريا واهرو" ۾ لکيو ته مون ڪٿي پڙهيو آهي ته جڳ مشهور مفڪر ڪارل مارڪس جنهن وقت پنهنجو جڳ مشهور لافاني ۽ لاثاني ڪتاب سرمايو Das Capitalلکي رهيو هو ان وقت سندس حال انتهائي مسڪيني وارو هو ان حالت ۾ گذارن لاءِ اخبار "نيو يارڪ ٽريبيون" ۾ هو نامہ نگاري ڪندو هو جنهن جي عيوض ڪيس هفتي ۾ ٻه ڊالر ملندا هئا جن مان هو ڪتاب ڪاغذ ۽ مس خريد ڪري پنهنجو ڪتاب لکندو هو.

هڪ ڀيري هو لنڊن جي برٽس لائبريري ۾ وينو ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪري رهيو هو ته سندس نوڪرياڻي انتهائي پريشاني جي عالم ۾ اچي چيو ته توهان جو فلاڻو ٻار سڪرات جي حالت ۾ آهي. جيڪڏهن سندس ترت دوا لاءِ پيسن جو انتظام نہ ڪيو ويو ته مري ويندو، مارڪس اها خبر ٻڌي بنا ڪنهن پريشاني جي چيو ته "مرڻ ڏيوس ! آءُ هن وقت اهڙي ٻار کي جنم ڏئي رهيو آهيان جيڪو ڪڏهن ٻہ بيمار نہ ٿيندو ۽ ڪڏهن ٻہ نہ مري سگهندو. سندس اشارو پنهنجي ڪتاب ڏانهن هو.

اهو ڪتاب موجوده دور جي نظرياتي ڪتابن مان سيني کان وڌيڪ زندگي سان ڀرپور سگهارو ۽ تندرست آهي. سو انهن ڳالهين کي مد نظر رکي ڪري چوڻو ٿو پوي ته بلڪل ڪتاب اولاد سان گڏ هر ماڻهو کان وڌيڪ تندرست چُست تازو توانو ۽ هر وقت دور کان مضبوط ساه واري شئي آهي. جيڪو تاريخ جي ورقن مان هر ڀيري زنده ۽ شادآباد لڳي ٿو، ايئن ئي اسان جو محبوب دوست نئي ٿهي جو ڪهاڻيڪار ليکڪ ساجد حُسين سومرو ڪتاب جي شڪل ۾ ٻار کي جنم ڏنو آهي. جيڪو ڪڏهن ٻہ مرڻو نہ آهي.

زندگي جي پهرين ۽ شروعاتي ڪتاب سندس ڪهاڻين تي مشمتل آهي. جيتري قدر ڏور هوندي ٻہ مون ساجد حسين سومرو کي ويجهڙائي کان ڏٺو آهي ته غربت جي لکير ۾ زندگي گهاريندڙ هن دلبر دوست جون لکڻيون خاص ڪري ڪهاڻيون سماج ۾ هلندڙ هيرا ڦيرا ڏکن، ڏولاون، مارا ماري، بيروزگاري دهشت وهشت سان گڏ ٿيندڙ هر ظلم ستم جي عڪاسي ڪن ٿيون. جن کي ليکڪ ساڻي پنهنجي قلم جي ذريعي هر ڏُک

کي کهاڻين جي صورت ۾ سهيڙي اسان توهان تائين پهچائڻ ۾ بي لوث کوشش کئي آهي.

ساجد حسين سومرو جون لکيل کهاڻيون پڙهڻ وقت خبر پئي ٿي ته سندس لکيل کهاڻين ۾ غريب، مسڪين ماروئڙن جا درد، پيڙاءُ، اهنج، ڏُک ۽ ڏولاون کي پنهنجو درد سمجهي لکيون آهن. اِهي سڀ اسان جي ماحول جون حقيقي عڪس لڳن ٿيون. هوئن به اهو واضع آهي ته کهاڻيون هر ان ليکڪ جي گهر پاڙي ڳوٺ شهر سميت آس پاس ۽ سموري دنيا جي ماحول مان پيدا ٿيندیون آهن جن کي ليکڪ پنهنجي قلم جي نوڪ سان پنن تي چٽي ڪڍهن اخبارن زينت بڻائي ٿو ته ڪڍهن وري ڪتابي صورت ۾ مارڪيٽ ۾ آڻي ٿو.

اسين پُر اميد آهيون ته اسان جي پياري دوست جو ڏکن سان پريل کهاڻين جو ڪتاب (جيڪو اوهان سنڌ سلامت ڪتاب گهر تي پڙهي رهيا آهيو) جنهن کي پڙهي ڪري اوهان کي ضرور ڪجهه نه ڪجهه حاصل ٿيندو. هون ته گهڻي ڀاڱي کو به ليکڪ شهر جي ارد گرد جي مسئلن کي کڙو ڪندا آهن پر ساجد حسين سومرو ڏهرڪي واري پاران گهڻي ڀاڱي ڀهراڙي، ڳوٺن، واهڻ وستين کي پنهنجي کهاڻين ۾ فوڪس ڪيو آهي.

جيئن هن ليکڪ هڪ کهاڻي "انڊو عقيدو" ۾ صاف صاف لکيو آهي ۽ هن ۾ هڪ سسُ ۽ نُهن جي کهاڻي آهي ماءُ پنهنجي پُٽ نالي صابو جي زال مٿان الزام ٿي هڻي ته هوءُ تعويذ ڪرائي مون کي پياري ٿي ۽ منهنجي پٽ کي به مون خلاف ورغلائي ٿي آخر جهيڙو وڃي آسمان سان لڳي ٿو پر کهاڻي ۾ واقعي صابو صابرين ۽ سندس زال به مانيٽي آهي. ايتري قدر جو صابو جي ماءُ سندس زال کي طلاق ڏيارڻ جي ڳالهه ڪري ٿي پر صابو انڪار ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ صابو پنهنجي امڙ جي تعويذن واري ڳالهه کي ڪوڙ سمجهي رد ڪندي امڙ جو علاج ڪنهن سني مان اسپتال مان ڪرائي ٿو ۽ آخر بيماري جي سجاٽپ هيپاٽائيٽس طور ٿئي ٿي.

هي کهاڻي گهري سوچ سان لکيل آهي، هن کهاڻي ۾ ليکڪ اهو سمجهائڻ جي کوشش کئي آهي ته هي پير فقير سڀ نڪي جا ناهه آهن. سندس هڪ کهاڻي "انتقامي ڪاروائي" جي عنوان سان آهي، هي کهاڻي ڳوناٽي وڏيري ۽ هڪ استاد بابت لکيل آهي استاد ۽ سندس مائٽن وڏيري کي اليڪشن ۾ ووٽ نه ڏنا جنهن جو انتقام ونڊ لاء وڏيرو سرگرم ٿئي ٿو ۽ استاد سميت سيني ڳوناٽن مٿان کوڙيون ايف آئي آريون

داخل ڪرايون وڃن ٿيون ۽ هنن ويچارن جي ڪا به پنيرائي نه ٿي ٿئي پوليس جا دڙڪا دهمان به هنن مٿان ٿيندا آهن. هن کهاڻي جو حقيقت سان ويجهو تمام گهٽو ۽ گهرو تعلق آهي هي کهاڻي باقائدا ٻهراڙي جي ڳوٺن مان جنم ونندڙ کهاڻي آهي.

جيڪي وڏيرا ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان جو ڏاڍو سو گابو آهي واري راند کيڏندا رهن ٿا پوتارڪي نظام ۽ اٽبرابري جي ڪري عدل انصاف مسڪينن کي ملڻ مهال ٿي ويو آهي هوئن به ٻهراڙي جي علائقن ۾ ايئن ئي ٿيندو آهي جيئن ليکڪ هن کهاڻي کي ساڳي نموني سان پيش ڪيو آهي.

"قسمت" کهاڻي کي اگر دل او جان ۽ غور سان پڙهجي ته اکين مان ڳوڙها ٽمي پوندا ڇو ته هي ڏُکن پري کهاڻي آهي اولاد ماءُ پيءُ جي پوڙهائپ جو سهارو ۽ آسرو بڻبا آهن پر هتي نوجوان پٽ پنهنجي ماءُ پيءُ جي پوڙهائپ جو احساس ئي دماغ ۽ دل مان ڪڍي ڇڏي ٿو , هن ۾ ليکڪ هڪ محنت مزدوري ۽ پورهيو ڪندڙ پيرسن پيءُ ۽ پٽ جي باري ۾ لکيو آهي جيڪو واقعي به هن سماج جي عڪاسي ٿو ڪري.

پوڙهو پيءُ ڪمائي گهنجيل هٿڙن سان محنت مزدوري ڪري گهر هلائي ٿو پر نوجوان پُٽ جي ڪُلهن تي هميشہ پوت سوار هجي ٿو نه گهر ڏانهن ڏيان ڏري نه ئي وري پيرسن پيءُ لاء دل ۾ احساس آهي جتي وٽيس هليو وڃي جنهن مهل دل چويس گهر واپس اچي آخر گهٽو سمجهائي والدين ٽڪجي پون ٿا پر پوء ردِ جي ٻولي" ٻي" تمام گهڻي ٽائيم ۽ وقت کان پوء هڪ استاد جي اسرار تي مس مس وڃي پنهنجي والدين جو ڀرجهلو ٽئي ٿو.

هاڻ اهڙن مرحلن مان گذرندڙ ڪيترائي والدين ڏٺا جيڪي اولاد جي هوندي سوندي به پاڻ محنت مشقت ڪري گهر جو گاڏو هلائڻ ۾ مصروف آهن، هن کهاڻي جي آخر ۾ ليکڪ پڙهندڙن کي چرڪائي وڃهي ٿو، هو قسمت جو تعلق انسان سان هرگز نٿو ڏيکاري ۽ هن ئي کهاڻي ۾ دليلن سان لکي ٿو ته:

شاهزيب توکي ته خبر آهي الله پاڪ کي سيئي انسان پيارا آهن، پوء پلا ڪنهن جي قسمت ۾ اميري ڇو لکيائين ۽ ڪنهن جي قسمت ۾ غريبي ڇو لکيائين؟ ڪنهن جي قسمت ۾ نماز ڇو لکيائين ته ڪنهن جي قسمت ۾ بي نمازي ڇو لکيائين؟ ڪنهن جي

قمست ۾ شراب، ۽ زنا لکيائين تہ ڪنهن جي قمست ۾ پرهيزگاري ڇو لکيائين؟ ڪنهن جي قسمت ۾ قرآن جو حافظ لکيائين تہ ڪنهن جي قسمت کي اٽپڙهيل ۽ جاهل ڇو لکيائين؟ هاڻي جيڪڏهن ڪو فرد قل اسپيڊ ۾ بي ڏياني ۽ لاپرواهي سان موٽر سائيڪل يا ڪار هلائي ٿو ۽ جڏهن ايڪسيڊنٽ ٿي فوت يا هميشہ لاءِ اپاهج ٿي وڃي ٿو، ڇا اهو بہ ان جي قسمت ۾ لکيل هو؟ جيڪڏهن هو احتياط ڪري ها تہ ڇو نقصان ۾ وڃي ها.

ساجد جون ٻيون ڪهاڻيون بہ سماج هاڻي عڪس ۽ اولڙا پسائن ٿيون، ساجد حسين سومرو پاران لکيل هي ڪهاڻين جو ڪتاب احساسن سان پريل لفظ بہ لفظ مشاهدي ۽ مطالعي سان لکيل آهي جيئن مون گهرائي سان ڏنو ۽ پڙهيو، نئين ٿهي جي نوجوان ليکڪ جون سيئي ڪهاڻيون يا گهٽي ياڳي ليک اخبارن ۾ پڙهيا جن ۾ هميشہ ڪو نہ ڪو سبق مليو.

هون بہ گهٽي ياڳي سماجي مسئلا، سياسي ۽ اقتصادي اڻ برابريون، طبقاتي تضاد سان گڏوگڏ ڪارو ڪاري جي ڪڌي رسم ۽ غربت جي چڪي ۾ پيسجڻ طبقي انهن موضوعن تي ساجد حسين سومرو لکڻ لاءِ مجبور ٿي ويو ۽ انهن لکڻين کي محفوظ ۽ مضبوط ڪرڻ لاءِ ڪتاب جي شڪل ۾ آڻي ڇڏيو آهي ۽ اسين پُر اميد آهيون تہ پاڻ ساجد حسين سومرو پنهنجي علمي، قلمي ۽ ادبي پورهيئي کي اڻ کٽ خزانو سمجهي لکندو رهندو ۽ دعا آهي تہ هي ڪهاڻين جو سندس پهريون ڪتاب سنڌي ادب ۾ سنو نالو ڪمائيندو.

حميد شڪيل گوزائي

خيرپور ناٿن شاهہ

ڏهرڪي جو اپرندڙ ليکڪ

ساجد حسين سومرو ڏهرڪي جو اپرندڙ ليکڪ ۽ کهاڻيڪار آهي. سندس مطالعي سان بي حد لڳاءُ ڏسي ايئن محسوس ٿيندو آهي ته هو مستقبل جو نامياروِ فڪشن ليکڪ ٿي اپرندو. پر ان جي کهاڻي مان هن وقت به کهاڻي کيترن ئي حوالن سان، کهاڻي جي گهرج جو پورائو ڪري ٿي پئي. ساجد روزاني زندگيءَ جي معاملن کي کهاڻي جو روپ ڏيئي وڃڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

هن وقت هن جو مشاهدو سندس ڳوٺ جا معاملا، مسئلا، واقعا آهن پر اڳتي هلي هو کهاڻي جا اڪيچار موضوع چونڊيندو ۽ سندس تخليقي سگهه سراڻجي نت نئين موضوعن جي چونڊ ڪندي. ساجد جي سمپل کهاڻين جي اهم ڳالهه توهم پرستيءِ وارا موضوع آهن، جن کي هو ايڊريس ڪندي توهم پرستيءَ کي تخليقي سگهه سان نندي اهو پيغام ڏيئي ٿو ته جديد ميڊيڪل سائنس ئي سيني مسئلن جو جوڳو حل آهي. جيئن ته هي نوجوان تمام گهڻو لکي ٿو ۽ چپجي ٿو، ايترو ئي هو مطالعو به ڪري ٿو، پر هر فن جي پنهنجي ذهني، فني ارتقا ٿيندي آهي، تيئن ساجد جي فن ۽ فڪشن جي به ارتقا ٿيڻي آهي ان لاءِ انکي يقينن مطالعو ۽ محنت جاري رکڻي آهي.

پر هن وقت به هن جي کالمن، لکڻين ۽ کهاڻين کي پنهنجو تخليقي جذبو آهي. مان سمجهان ٿو، هر ليکڪ پاڻ ئي پنهنجي ادبي، علمي شعور وڌڻ سان پنهنجي تخليقي پورهيي جي ڪٽ ڪري سگهڻ جي اهل ٿيندو آهي. ساجد کي به يقينن اهو احساس هوندو ته هو ڪهڙي ادبي اسٽيج تي آهي، پر مان ذاتي طور هن نوجوان جي کالمن ۽ کهاڻين جو نه فقط پڙهندڙ پر پسند ڪندڙ پڻ آهيان. ڇو ته ڏهرڪي شهر ۾ فڪشن رائيٽر تمام گهٽ آهن ۽ ساجد فڪشن جي چونڊ ڪئي آهي، جيڪو هر حوالي سان ساراهه جوڳو عمل آهي .

محمد دين راجڙي
ڏهرڪي

ماروئڙن جي اهنجن جو وڪيل

جڏهن کان ادب جي دنيا ۾ پير پاتو آهي، تڏهن کان هن ڪتاب جي مصنف ساجد حسين سومرو جون ڪهاڻيون، ڪالم، مقالا، مضمون ۽ مختلف ڪتابن تي لکيل تبصرا مختلف، اخبارن، رسالن ۽ ميگزينن وغيره ۾ پڙهڻ لاءِ مليا آهن. ساجد حسين سومرو سنڌي ادب ۾ پنهنجي قلمي پورهئي سان هڪ الڳ سجاڻپ ناهي ورتي آهي. هر ليکڪ کي پنهنجون لکڻيون اولاد جيان پياريون هونديون آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو ساجد پنهنجي لکڻين سان اولاد جيان پيار ڪري، ساه ۾ سانديي، ڪتابي شڪل ڏئي، اوهان آڏو پيش ڪيو آهي.

ساجد حسين سومرو جون ڪهاڻيون حقيقت تي مبني هونديون آهن ۽ وٽس لکڻ جو اهڙو ته ڏاڻءِ آهي جو هن جي لکيل هر ڪهاڻي کي آخر تائين پڙهڻ کانسواءِ روح ئي نه رهي، ۽ ائين لڳندو آهي جڻ ڪنهن هٿ کان پڪڙي ويهاري ڇڏيو هجي. ساجد جي هر ڪهاڻي ۾ سماج جي عڪاسي ٿيل هوندي آهي، ساجد حسين سومرو مختلف موضوعن تي ڪهاڻيون لکيون آهن، هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ سنڌي قوم جي ڏکن، پيڙائن، ڏاڍ، ظلم، جبر جي عڪاسي ڪري قلم جي نوڪ ذيريعي لفظن ۾ سمايو آهي. سندس هر ڪهاڻي نصيحت پري هوندي آهي ۽ ساجد جي لکيل هر ڪهاڻي ۾ ڪو نه ڪو مقصد ضرور هوندو آهي ۽ هر ڪهاڻيڪار سماج ۾ جيڪو ڪجهه ڏسن ۽ پسن ٿا تن کي لفظي جامو پهرائي ڪهاڻي جي صورت ۾ پڙهندڙن آڏو پيش ڪن ٿا. ساجد سنڌ جو سچو سپوت آهي ۽ هن هر گهڙي هر جاء سنڌ جي هر ننديي وڏي مسئلي تي لکي ڏرتي ڏٽين جي اهنجن، پريشانين، ۽ پيڙائن کان نجات ڏيارڻ لاء وڪالت ڪئي آهي ساجد جي هميشه اها ئي خواهش رهي آهي ته سندس ادبي قلمي پورهئي کي هڪ ڪتاب جي شڪل ڏئي نه صرف محفوظ ڪجي پر سنڌي قوم کي پڙهڻ لاء بہ ڏجي ته جيئن اسان جو نئون نسل هي ڪهاڻيون پڙهي ۽ انهن مان سبق حاصل ڪري سگهي، الله پاڪ کان دعا ٿو ڪريان ته ساجد حسين سومرو کي اجان وڌيڪ لکڻ جي توفيق ادا ڪري.

حاڪم علي چانديو / دادو

ساجد جنهن جو قلم تلوار جيان هلي ٿو

جمڻ کان وٺي مرڻ تائين انساني زندگي سان ٻين صنفن جي ٻيٽ ۾ کهاڻي جو گهرڳ تعلق رهيو آهي. پر مختلف وقتن تي ان جي شڪل يا بناوت ۾ فرق ايندو رهيو آهي. اسان وٽ نثر جي ٻيٽ ۾ نظم تمام گهڻو لکيو پيو وجي، پر ان سان گڏوگڏ نثر کي به ڇڳي خاصي وسعت حاصل آهي. اهو ڪالمن، کهاڻين ۽ مضمونن جي صورت ۾ اسانجن پراڻن کهاڻيڪارن ۽ ڪالم نويسن سان گڏ نوجوان دوست به نثر ۾ پاڻ ملهائي رهيا آهن.

در اصل کهاڻيڪار کي کهاڻي لکڻ وقت گهڻ پاسائون خيال رکڻو پوي ٿو. کهاڻي ۾ اظهار جي آزادي، منظر نگاري، دک درد، معاشرتي اوٽايون،ڪلائيمڪس ۽ کهاڻي جو معياري هجڻ!.مطلب ته سيني رخن تي نظر رکي کهاڻيڪار کهاڻي سرجي ٿو.اسان وٽ ڪيترا ئي نوجوان ادبي ڪيتر ۾ پنهنجون پنهنجون ذميواريون نيائي رهيا آهن. انهن نوجوانن ۾ ڏهرڪي جي پسگردائي جو محبوب دوست، پيارو ساٿي ساجد حسين سومرو به پنهنجي قلم جي نوڪ سان ادبي ڪيتر کي زرخيز ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهي.

هن دوست اٽندي ئي پنهنجي قلم کي اسانجي سماج ۾ ٿيندڙ ڪڌين رسمن، ٿيندڙ نه انصافين، ۽ بيڄڻاين سان جنگ جاري رکڻ جي ذميواري سونپي ڇڏي آهي. هن جي کهاڻين جو ڪتاب،اڈوريون خواهشون، اميد اٿم ته سنڌي ادب ۾ جدا حيثيت ۽ نالو پيدا ڪندو.

حافظ محمد بخش (ملزم سومرو)
ڳوٺ حافظ بخشڻ سومرو
ڏهرڪي

باغي ذهن

نوجوان ساجد حسين سومرو ادب جي ميدان ۾ شروعاتي قدم کڻندڙ هڪ باغي ذهن آهي. جنهن ننڍي وهي ۾ هن سماج کي پرکڻ، پروڙڻ ۽ سمجهڻ جي بغاوت ڪري ككرن ۾ ڪڙو هنيو آهي. هن سماج ۾ يا تہ ماڻهو انڊو، گونگو ۽ ٻوڙو هجي، يا تہ هيٺ ڪنڌ ڪيو بي ضمير ٿيو ظلم زيادتيون برداش ڪري خاموش تماشائي بڻجي وڃي يا وري مزاحمت ڪري؟ سو ان سماج کي بدلائڻ لاءِ بغاوت ڪرڻي پوي ٿي. ان بغاوت جا لاتعداد گس پنڌ ۽ پيچرا آهن. انهن مان هڪ پنڌ لکڻ بہ آهي. جيڪو گس اسان جي پياري نوجوان ساجد حسين سومري بہ چونڊيو آهي. هاڻ ڏسجي تہ هو ان منزل سان ڪيترو نياھ ڪري ٿو.

بنيادي طور ساجد نثر جي دنيا جون ماڻهو آهي. بهتر ادب سرجڻ لاءِ بهتر ادب پڙهڻ جي سخت ضرورت آهي. ساجد جون ڪهاڻيون هن سماج جي حقيقي مسئلن کي نروار ڪن ٿيون، ڪڏن ڪردارن کي اگهاڙو نانگو ڪن ٿيون. سندس باغي خيال شاندار آهن. پر ڪهاڻي لکڻ کان اڳ ڪيس سنڌ جي نامياران ڪهاڻيڪارن کي ضرور پڙهڻ گهرجي. ادب جي ميدان ۾ تکڙبازي بجاءِ گهري سوچ ويچار ۽ سنجيدگي سان وڌندڙ قلم ڏٽي پنهنجي ٻولي کي شاندار ادب ارپيندا آهن.

ساجد حسين سومري مان بہ اهڙي اميد ڪيون ٿا. مستقبل ۾ ساجد پنهنجي لکڻين ۾ سنڌ، سنڌو ڏرياھ، وطن جا مزدور هاري پورهيتن جي مسئلن کي اجان بہ وڌيڪ اجاگر ڪندو.

جيئي سنڌ

محب پيل
4 نومبر2019 ع

ليڪڪ پاران

سنڌ جيڪا ماضي ۾ امن پرست، سرسبز ۽ شاهڪار هئي، سنڌ جنهن سائنس کي تخليق ڪيو، اڄ اها سنڌ دنيا ۾ ڪاميابي ۽ امن امان جي ٻيٽ ۾ ڪافي پٺتي آهي، اڄ ان سنڌ جي ماروئڙن مٿان فطري ۽ غير فطري ظلم ٿيندو رهي ٿو، اڄ ان سکي ستابي سنڌ جا ماروئڙا لولي لاءِ رلندا ۽ ٽٽڪندا ٿا وتن، اڄ اها سنڌ انڊن عقيدن ۾ جڪڙيل آهي، اڄ ان سنڌ جا ماروئڙا پنهنجي وطن ۾ جلاوطن آهن، اڄ اها امن پرست ڌرتي مسئلن جو مجموعو آهي، ماضي ۾ شاهڪار ۽ حسناڪ هن ڌرتي جو حسن اجاڑڻ ۾ وقت جي حڪمرانن جو ئي هٿ آهي، اهو ئي سبب آهي جو اڄ جنهن جي هٿن ۾ سنڌ جون واڳون آهن انهن هميشہ سنڌ کي اجاڑڻ ۾ ڪا گنجائش ناهي ڇڏي، انهن سنڌ کي برباد ڪيو آهي ۽ سنڌ جي فطري حسن کي تباه ڪيو آهي.

مان وقت جي حڪمرانن جو سنڌ طرف ڌيان ڇڪائڻ لاءِ سنڌ جي مسئلن تي سنڌ جي مختلف اخبارن ۾ مسلسل لکندو رهندو آهيان، منهنجا ڪالم هر روز ڪنهن نہ ڪنهن اخبار جي زينت بڻيل هوندا آهن، مون کي سنڌ جا سور ڪا هڪ ساعت سڪ ۽ سانت سان سمجهڻ نٿا ڏين، تڏهن مان راتين جي اوجاڳن جو فائدو وٺندو آهيان، ۽ موبائيل هٿ ۾ کڻي سنڌ جي ڪنهن نہ ڪنهن مسئلي تي لکندو رهندو آهيان، رات جي سانت ۾ لفظن جي ديوي مون مٿان مهربان ٿي پوندي آهي ۽ لفظ منهنجي سامهون رقص ڪندا آهن، تڏهن مان محسوس ڪندو آهيان تہ جڏ منهنجي سامهون لفظن جو هڪ وڏ آهي ۽ مان ان وڏ مان سڀ سڀ لفظ پٽي پنهنجي تحرير ۾ تحليل ڪندو آهيان، مان سنڌ جي سورن کي لفظن جو روپ ڏئي ڪڏهن ڪالم تہ ڪهاڻي جي صورت ۾ مختلف اخبارن ۾ ڇپرائيندو آهيان، ۽ جڏهن منهنجي لکڻي اخبار ۾ شايع ٿيندي آهي تہ فيسبوڪ تي اپلوڊ ڪندو آهيان دوست منهنجي لکڻي کي پڙهندا آهن بعد ۾ داد بہ ڏيندا آهن ۽ اها داد مون کي اڳتي لکڻ لاءِ اتساهيندي آهي.

سچ تہ اهو آهي نہ مان ڪڏهن پاڻ پڏايو آهي ۽ نہ ئي ليڪڪ سڏايو آهي، بس هي تہ دوستن جي مهرباني آهي جنن مون کي ليڪڪ جو لقب ڏنو آهي، مان تہ بس سنڌ جي سورن کي قلم جي قط سان قيد ڪريان ٿو، ۽ پنهنجي لکڻين ذريعي ڪرپٽ ۽ نااهل

حڪومت جو ڏيان ڇڪايان ٿو، ڇان ڪيان جيڪڏهن مان ظلم ۽ ڏاڍ تي نٿو لکان تہ مون کي اندر جو انسان پوندا ڏي ٿو.

مسلسل ڪالم لکڻ ڪانپوء منهنجو کهاڻي لکڻ ڏانهن لاڙو ٿيو، مان پهرين کهاڻي "سرڪاري اسپتال" جي عنوان سان لکي، لکي نہ بلڪ لکجي وئي، ڇاڪاڻ تہ هي کهاڻي فرضي نہ پر حقيقي آهي، هن کهاڻي جو ڏک منهنجو انفرادي ڏک آهي، هن کهاڻي ۾ جيڪو کجهہ بہ لکيل آهي سمورو سچ آهي، هي هڪ سچي وارتا آهي جنهن کي مون کهاڻي جو ويس پارايو آهي، هي کهاڻي هلال پاڪستان جو حصو پڻ ٿي چڪي آهي، هن کهاڻي ذريعي مون سرڪاري اسپتال جي ڊاڪٽرن جي ڪارگرگي کي بہ نروار ڪيو آهي تہ ساڳئي وقت حڪومت جي نااهلي کي پڻ عيان ڪيو آهي، هي کهاڻي جڏهن مون سوشل ميڊيا تي اپلوڊ ڪئي تہ ادبي دوستن ۽ سينئر کهاڻيڪارن پاران مون کي سڻي موٽ ملي، ان کان بعد کهاڻي لکڻ ڏانهن منهنجو وڌيڪ شوق پيدا ٿيو.

منهنجي ٻي کهاڻي جيڪا باعنوان "فيسبوڪي دوست جو وچوڙو" آهي هي کهاڻي پڻ حقيقت تي مبني آهي، هن ٻنهي کهاڻين ۾ تذڪرو ڪيل درد ۽ پيڙاء کي مون پوڳيو آهي، منهنجون ٻيون کهاڻي فرضي ۽ تصوراتي آهن، مون پنهنجي کهاڻين ۾ عام اديبن جيان اجاين ۽ اوپرن لفظن جو استعمال هرگز ناهي ڪيو، هڪڙا ماڻهو چا ڪن ٿا جو پنهنجي تخليقن منجهہ اهڙا تہ پراسرا لفظ لکن ٿا جو عام فرد تہ چا پر ڪو ڏاهو بہ سمجهڻ کان قاصر رهي ٿو، اهڙا ماڻهو رڳو شهرت جا بکيا آهن، مان پنهنجي ذات جي هروپرو تشهير نٿو ڪرڻ چاهيان، منهنجي کهاڻين ۾ لفظ بنهہ سادا ۽ هر فرد کي سمجهہ ايندڙ آهن، مان پنهنجي کهاڻين ذريعي سماج تي تنقيد ڪئي آهي، انڌن عقيدن، ۽ رجعت پرست سوچن ۾ جڪڙيل سماج کي سڌارڻ جي ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي، هي منهنجو پهريون پورهيو آهي، ظاهر ڳالهہ ڪمي پيشي تہ لازمي هوندس، پر مان چوندس تہ ڪمي پيشي کي نظرانداز ڪري کهاڻين ۾ سمايل حقيقت کي تسليم ڪيو ۽ ان تي عمل پيرا ٿيو. پئسن جي قلت سبب هن مجموعي کي ڪنهن بہ اداري پاران ناهي ڇپرايو تنهن ڪري هي مجموعو سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي نانء ڪيان ٿو، مون کي اميد آهي تہ دوست هن مجموعي کي پڙهي پنهنجي قيمتي رايي کان آگاهہ ضرور ڪندا.

آخر ۾ مان ان محبتي منڍي ۽ پياري دوست نوجوان ٿهي جي بهترين ليکڪ سائين يوسف جميل لغاري صاحب جو دل سان شڪر گذار آهيان، جنهن نہ فقط هن ڪتاب جو مهاڳ لکيو پر منهنجي هن مجموعي کي بہ منظرعام تي آڻڻ ۾ منهنجي دلي مدد ڪئي، سچ تہ اهو آهي جو هن ڪتاب کي منظرعام تي آڻڻ جو سمورو ڪريڊٽ سائين يوسف جميل لغاري ڏانهن ئي وڃي ٿو، ان کان بعد مان پياري دوستن ليکڪ حميد شڪيل چانڊيو، ليکڪ حاڪم چانڊيو، سينئر ڪهاڻيڪار سائين محمد دين راڄڙي صاحب ۽ سائين محب پيل، سنڌ جي سهڻي ڪوي سائين ملزم سومرو جو بہ شڪرگذار آهيان جنن منهنجي هن مجموعي لاء تاثرات لکيا. سنڌ سلامت ست جون پڻ مهربانيون جن منهنجي هن ڪتاب کي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ شامل ڪيو.

دعائن جو طلبگار

ساجد حسين سومرو / ڏهرڪي
03083601844

فقير سائين جي دعا

هو شاخ جي ڪپر تي اداس ۽ پريشان حال ۾ وينو هو سندس نظرون شاخ جي وهندڙ پاڻي ۾ ٽڪ ماريون ٻينيون هيون، هڪ هٿ ۾ پٿر جهليون وينو هو ته ٻي هٿ سان هڪ هڪ پٿر پاڻي ۾ اڇليندو وينو هو، منهنجي جيئن ئي حسن تي نظر پئي ته پريشان ٿي ويس، سوچيم اڄ مون واري يارڙي حسن جو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو آهي چا؟ سو آئون ٻه حسن ڏي وڌڻ لڳس، حسن ڏي پهچڻ شرط ڪلهي تي هٿ رکي چيو مانس حسن پيارا خير ته آهي؟

جڏهن اچتو حسن جي ڪلهي تي هٿ رکيم ته حسن جو وڏو چرڪ نڪري ويو، اڙي يار ڪاڏهون آئين، سڃو مزو ئي ٽوڙي ڇڏيوئي، حسن ڪاوڙ واري انداز ۾ چوڻ لڳو،.چيومانس پيارا توکي پريشان ڏسي آيو آهيان، خير ته آهي اڄ ڪهڙو ڪنڌ جو جهاز ٻڏي ويو اٿئي؟

چيائين يار منهنجي هڪ سهڻي چوڪري سان محبت ٿي وئي آهي، مان ان کانسواء زنده نٿو رهي سگهان. بس دل چئي ٿي اڄ ئي شادي ڪريانس، جيئن سالن جي سڪ هڪ لحظي منجهه لهي وڃن.

ادا پوءِ وارو ڪر شادي ڪري جان ڇڏائي، ان ۾ پريشان ٿيڻ جي ڪهڙي ضرورت آ؟

يار دراصل ڳالهه ٻي آهي؟

وري ڪهڙي ڳالهه حسن؟

يار مان ته هن کي ڏاڍو چاهيندو آهيان پر هو منهنجي شڪل ڏسڻ پسند ٻه ناهي ڪندي!

چيومانس: يار حسن هڪ ڳالهه ٻڌ، تون ٻه اصل صفا ڪو چريو آهين پيارا مزو آ تڏهن جڏهن محبت ٻنهي پاسي هجي باقي هڪ پاسي واري محبت مطلب پاڻ کي زليل خوار ڪرڻ آهي.

تون منهنجي ڳالهه کي نٿو سمجهين، حسن چوڻ لڳو،

چا سمجهان پلا تون ٻڌائي؟

يار آئون مجبور آهيان، گذريل ڪيترن ئي سالن کان پنهنجي سڃڻ کي ناهڻ لاءِ پيرن، فقيرن، جي پويان لکين روپيا وڃايا اٿم پر پوءِ ٻه منهنجو پرين مون سان سڌ نٿو ڪري، پنڌرهن ڏينهن پهرين جي ڳالهه آهي هڪ فقير بابا ڏي ويو هيس چيومانس فقير سائين منهنجو ڪم ڪيو پئسا اوهان کي منهن منگيا ڏيندس.

تنهن تي فقير چيو تنهنجو ڪم ڏهه ڏينهن ۾ ٿي ويندو پر مون کي پنڌرهن هزار ڏيڻا پوندئي، سوچيم منهنجو پرين مون سان ڏهن ڏينهن ۾ نهي وجي ته ٻيو مون کي چا

ڪپي،مون ۾ خوشي خوشي ۾ پنڌرهن هزار ڪيسي مان ڪڍي ڏنا، ڪجھ تعويذ ڏنائين ۽ چيائين هي جيڪو تعويذ آ اهو ڇت واري پکي ۾ ٻڌجان.

چيم فقير سائين ڇت واري پکي ۾ ڇو؟ چيائين هي تعويذ جيئن ئي پکي ۾ ٻڌندي ته پکو هلڻ شرط تنهنجي محبوبا جو مٿو ڇڪرائيندو، مٿو ڇڪرائڻ کانپوءِ دل ۽ دماغ ۾ رڳو تنهنجو ئي نالو هوندس، ۽ ڪجھ ڏينهن ۾ تنهنجي محبوبا تنهنجي قدمن ۾ هوندي.
چيم پوء ڇا ٿيو؟
ببرازي مان چيائين يارررر فقير ته ڏھ ڏينهن جو وقت ڏنو هو پر اڄ پنڌرهون ڏينهن آهي سڄڻن کي نڪو لهر نڪو لوڏو آيو آهي. وڏا وڏا ٿھڪ ڏئي آئون کلڻ لڳس، چيم مانس يار واھ جو ٿي اٿئي، معصوماڻي لهجي ۾ چيائين: منهنجي ببوسي تي ٿھڪ نہ ڏي ظالم، چيم ھڪ سھڻي صلاح وٺ،
چيائين ٻڌائي سائين:
پنهنجي بابا کي چئو تنهنجي شادي تنهنجي چاچي جي گهران ڪرائي جان ڇڏائي، باقي هي پير فقير ڦري تباھ ڪندئي، پر ٿيندوئي ڪجھ ٻہ ڪونہ،
چيائين يارررر چوين ته سهي ٿو، واقعي ٻہ مون کي پيرن، فقيرن، ۽ جعلي بابن، ڦري ڪنگال ڪيو آهي، بس هاڻي ئي آئون وڃان ٿو گهر ۽ چوان ٿو بابا کي ته منهنجي شادي منهنجي چاچي جي گهران ڪرائي.

مهيني کانپوء حسن خوش خوش نظر آيو، پري کان ڏسي هڪدم مون ڏي ڊوڙندو آيو، ٻڌا ٻڌا پاڪر پري چيائين يار سڄي عمر دعا ڪندو سانئين،

اڈوريون خواهشون

هو پاڻ ته نہ پڙهي سگهيو، پر نندپڻ کان ئي دل ۾ خواهش هيس ته وڏي لہ شادي ڪري پنهنجي اولاد کي تعليم جهڙي طاقتور هٿيار کان واقف ڪرائيندس، هو وڏو ٿيو شادي ڪيائين، پر غربت سبب شادي جي ٻين ڏينهن تي مزدوري تي ويو، ويچاري سليم تي دوست، مٽ، مائٽ، سنگتي، ساٿي، کل، يوڳ، پيا ڪن ته يار تون نئي شادي ڪئي آهي فلحال ته مهينو ڪن گهر مان ٻاهر ئي نہ نڪر، ۽ آرام ويهي اسان جي پاڙي کي وقت ڏي، سليم جي اکين مان لڙڪ اچي وڃن ٿا، سڏڪا پري دوستن کي چوي ٿو. دوستو مون وٽ ايترو پئسو ناهي جو مان ٻہ ڏينهن ويهي آرام سان ڪائي سگهان، جيڪڏهن آئون ڪم تي نٿو وڃان ته منهنجي گهر جو سرڪٽ ئي نہ هلندو تنهن تي دوستن ٻہ شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪيا.

شادي ڪانپوءَ دل ۾ خواهش جاڳيس ته پٽ ٿئي، هاڻي سليم پيرن، فقيرن، برزگن، درگاهن، ۽ مسجدن، مان اها دعا ٿو گهري، ته اي منهنجا پالڻهار هاڻي آئون غربت سبب زندگي کان بيزار ٿي ويو آهيان، اي الله هاڻ مون کي پٽڙو ڏي ته جيئن هو منهنجو پرجهلو ٿي منهنجي مدد ڪري سگهي. قدرت الله جي شادي جي چوٿين مهيني کان پوءَ سندس گهرواري اميدواري ٿي ويس، شام جو جڏهن ڪم کان گهر واپس آيو ته امڙ اچي پاسي ۾ وينس، ۽ چوڙ لڳس، ابا مبارڪ اٿئي.

چيائين، خير مبارڪ امان، پر مبارڪ چا جي پئي ڏين؟

امڙ چوڙ لڳس، پٽ منهنجي نهن اميدواري ٿي وئي آهي!

هن جڏهن اها ڳالهہ ٻڌي تڏهن خوشي جي ڪا حد ئي نہ رهيس، خوشي وچان ڪلندو، پڄندو، ڊڪندو، وڃي هوتل تان منائي وڻي آيو، منائي وڻي گهر پهتو ته امڙ کي چيائين، امان هاڻي ائين ڪر هي منائي پيالن ۾ وجهي ڳوٺ جي هر هڪ گهر ۾ ڏئي اچ.

هاڻي هن گهرواري جي ڊليوري لاِ پئسا گڏ ڪرڻ شروع ڪيا، نئون مهينن کانپوء هن جي گهرواري کي پيٽ ۾ درد پيو، سليم ٻہ ڪم تان جلدي واپس آيو ۽ بروقت ليڊي ڊاڪٽرياڻي ڏي ڪٽائي ويس، جيئن ئي اسپتال پهتا ته ليڊي ڊاڪٽرياڻي چيڪ اپ ڪرڻ کان پوِ چيس:

تنهنجي گهرواري جي اڄ ڊليوري ٿيندي سو ٻہ وڏو آپريشن ڪرڻ سان، چو ته پيٽ ۾ ٻار ٻہ پاسيرو آهي ۽ تنهنجي گهرواري کي خون جي ٻہ ڪمي آهي. ڊاڪٽرياڻي هن کي چيو ته هاڻي وقت نہ وڃايو جلدي ڪيو خون جو بندوبست ڪيو، هو ويچارو پنهنجي

گهرواري ۽ امڙ کي اسپتال ۾ ڇڏي خون جي تلاش ۾ پنهنجي دوستن ڏي راهي ٿيو، آخر گهٽي ڀڄ، ڊڪ، کان پوء A گروپ جو خون بہ ملي ويس، ڊاڪٽرياڻي خون جون ٽيليون هڻي، چند گهنٽن کان پوء آپريشن شروع ڪيو.

سليم پريشان حال ۾ آپريشن ٿيٽر جي ٻاهريان دعائون گهري پيو تہ خير سان آپريشن ٿي وجي، نيٺ خير سان آپريشن ٿي ويو، ايتري ۾ آپريشن ٿيٽر مان نرس بہ هٿ ۾ ٻار کنيون کلندي کلندي اچي سليم وٽ پهتي، ۽ چوڻ لڳي ادا مبارڪ هجيئي الله پاڪ اوهان کي پٽ عطا ڪيو آهي، سليم پنهنجي ننڍڙي پٽ کي هٿن ۾ کڻي اڀ ڏي نهاري چوي ٿو شڪر ٿي منهنجا الله،

نرس هٿن مان ٻار چني چيائينس، پهرين مون کي منائي جو هزار روپيو ڏيو ٻار پوءِ ڏيندس، سليم خوشي وچان هزار جي جاءِ تي نرس کي بہ هزار ڪڍي ڏنا، اسپتال مان ڊسچارج ٿي گهر پهتا، ستين ڏينهن چني ڪري نالو رکيائون اسلم،

سليم جڏهن شام جو ٽڪو ٽنو اچي گهر پهچندو هو تہ پنهنجي ننڍڙي پٽ اسلم کي ڏسي ٽڪ ئي لهي ويندا هيس، مسلسل ائين سلسلو هلندو رهيو، اسلم بہ آخر پڙهڻ جي عمر تائين پهچي ويو، سليم جي خواهش هئي تہ منهنجو پٽ پڙهي نوڪري وڃي، سليم پنهنجي پٽ کي ڳوٺ جي ويجهي اسڪول ۾ داخل ڪرايو، اسلم پنج درجا پنهنجي ڳوٺ مان پاس ڪري ڇهين درجي ۾ شهر جي اسڪول ۾ داخلا ورتي، ڇهين درجي کان ويندي ڏهين تائين شهر جي اسڪول ۾ پڙهيو، اسلم هوشيار شاگرد ٿي ايريو، هر پيري پوزيشن حاصل ڪندو هو، ڏهه پاس ڪرڻ کانپوء ساڳيُ شهر جي ڪاليج ۾ داخلا ورتائين، اهڙي طرح اسلم انٽر بہ ڪليئر ڪئي، پر غربت سبب اڳتي ڪونہ پڙهي سگهيو.

سليم پنهنجي پٽ اسلم کي اڳتي تعليم نہ ڏيارڻ سبب پريشان هو، اسلم کي چيائين پٽ معاف ڪجان آئون غريب آهيان انهيَ لاء توکي اڳتي نہ پڙهائي سگهيس، اسلم پٽ تون هاڻي ڪنهن نوڪري جي تلاش ڪر چو تہ مهانگائي جو دور آهي ۽ گهر جو گاڏو هاڻ مونکان نٿو هلي. اسلم آٽت ڏيندي چيس بابا پريشان نہ ٿيو آئون اوهان جو پرجهلو ٿيندس، اسلم نوڪري جا ڪاغذات نهرائي مختلف شعبن ۾ جمع ڪرائي ايندو آهي، آخر هڪ ڏينهن اسلم جي الله ٻڌي ورتي، اسلم کي هڪ سرڪاري اداري ۾ نوڪري ملي وئي، نوڪري جي خبر جڏهن والد سليم کي پيس تہ هن سوچو بس منهنجون خواهشون پوريون ٿي ويون.

اسلم بہ نوڪري join ڪري ورتي، 29 ڏينهن کانپوء موبائيل تي Massage آيس تہ Congratulationاوهان جي پگهار جاري ڪئي وئي آهي، جنهن مهل دل چاهي National

Bankمان پگهار ڪيرائي سگهو ٿا، اسلم جي دل باغ و بهار ٿي وئي، اسلم بينڪ مان پگهار جا 25000 ڪيرائي، گهر جي ڪائڻ پيئڻ جي سامان سميت پنهنجي گهرواري ۽ امڙ جا ڪپڙا ورتا ۽ بقايا پئسن جو سوچيائين تہ هي پئسا بابا کي ڏيندس، سامان هٿ ۾ کڻي جڏهن ڪرائي واري رڪشي تي گهر واپس وڃڻ لڳو تہ اوچتو ٽرالر ۽ رڪشي ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿي پيو، اتي موجود ماڻهن ٻنهي زخمين رڪشي ڊرائيور ۽ اسلم کي کڻي سول اسپتال پهچايو، اسپتال پهچڻ شرط معلوم ٿيو تہ اسلم زخمن جا تاب نہ سهندي دم ڏڻي حوالي ڪري ڇڏيو، اهڙي خبر جڏهن والد کي پوي ٿي تہ هو بہ پٽ جي صدمي ۾ فوت ٿي وڃي ٿو.

سرڪاري اسپتال

عيد ۾ ٻہ ڏينهن پيا هئا امتياز ۽ منهنجي عيد جي حوالي سان تياري زور شور سان هئي،
صبح جو 7 وڳي دروازو کڙکيو
پچيم کير؟
چيائين، ماما مان امتياز آهيان، جلدي تيار ٿي ڪم جي دير ٿي وئي آهي، اڄ هفتو ٻہ آهي ڇاکاڻ تہ اڄ هفتي جا نيڪيدار کان پئسا ٻہ ونڻا آهن ۽ سپاڻي عيد جي خريداري ٻہ ڪرڻي آهي،
امتياز چوڻ لڳو
چيم بس پنج منٽ وڌا آهن هاڻي ٿو تيار ٿيان،

تيار ٿي ٻاهر نڪتس تہ امتياز موٽر سائيڪل استارٽ ڪيون ٻينو هو،
آ يار جلدي ويهہ ڪم جي دير ٿي وئي آ، نيڪيدار ٻہ ڪاوڙيو ٻينو هوندو،
امتياز چوڻ لڳو،
ماما اڄ پئسا ملندا ٻين ڏينهن عيد ٻہ آهي پاڻ سنڌ جي ٿوئر تي ٻہ هلنداسين وڏو مزو ايندو ماما،
منهنجو پاڻيجو امتياز ٻاراڻيون ۽ عجيب ڳالهيون ڪرڻ لڳو
ڳالهيون ڪندي ڪندي آخر ڏهرڪي ٻہ پهچي وياسين،
چيو مانس مون کي دوڪان تي ڇڏ تون وڃ ڪم تي،
چيائين اڄ چانهہ پيار صفا پلي،،
مون چيو چانهہ جام،
هوٽل واري ڏي فون ڪري چانهہ ۽ بسڪٽ جو آرڊر ڏنم،
جهٽ گهڙي کان پوِ چانهہ ۽ بسڪٽ ٻہ اچي وياَ،
امتياز چانهہ پي بسڪٽ کائي موڪلائڻ جي ڪئي،
چيم نيڪ آ تون هلي پئو پر شام جو وقتي اچجان تہ جئين درزي کان ڪپڑا ڪٽون ۽ چپل وغيره ٻہ ونون،
چيائين نيڪ آ مان شام جو وقتي ايندس،

امتياز مزدوري لاِ ميرپور ماٿيلي ڪم تي ويو ۽ مان دوڪان جو شٽر مٿي ڪري دوڪان جي صفائي شروع ڪيم،
دوڪان جي صفائي ڪري، منهن ڌوئي جئين ئي صوفي تي آرام ڪرڻ لاء وينس تہ موبائيل جي گهنٽي وڄي،
ڪال اٽينڈ ڪري پڇيم ڪير؟
چيائين ڪير کي ڇڏ، جلدي ميرپور سول اسپتال پهچي وڃ،
چيم ڇو ادا خير تہ آهي؟
چيائين بس خير ناهي تون جلدي پهچ،
پڇيم وري بہ ڪجهہ تہ ٻڌائي،
چيائين تنهنجو پاٽيجو امتياز ۽ ان جا 2 ساٿي ٽرالر جي ٽڪر ۾ ايڪسيڈنٽ ٿي ٻيا آهن جلدي اسپتال پهچ،.
اهڙي افسوسناڪ خبر ٻڌي منهنجي تہ پيرن هينيان زمين ئي نڪري وئي،
دوڪان کي اڪيلو ڇڏي موٽر سائيڪل کي ڪڪ هڻي اسپيڊ ۾ ميرپور اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ ۾ وڃي پهتس،
ايتري ۾ اتي موجود ڪجهہ دوست منهنجو اڳ جهلي چئي رهيا هئا تہ يار هتي ڊاڪٽر ڏيان بہ نٿا ڏين ۽ نہ ئي سهڻي نموني هنن جو چيڪ اپ ڪن ٿا، ڊاڪٽر صرف ايترو چئي کسڪي ويا آهن تہ هنن جي ذندگي خطري ۾ آهي ۽ هنن کي جلدي شيخ زاهد هاسپيٽل رحيم يار خان کڻائي وڃو،
سوچيم هڪ تہ امتياز هيو 2 ٻيا ڪير هئا،
جڏهن ايمرجنسي وارڊ پهتس تہ ڏسان پيو هي تہ منهنجو سئوٽ آفتاب ۽ منهنجو ويجهو مائٽ اصغر آهي،
پنهنجي جگرن کي رت ۾ گاڙهو لال ڏسي اندر ۾ ڪپجان، ٽڪجان، ۽ وڍجان پيو،
دوستن کان پڇيم اسپتال تہ خالي پئي آ ڊاڪٽر ڪاڏي ويا؟
هڪ دوست آگڙي جو اشارو ڪندي چيو او هن سامهون واري ڪمري ۾ وينا اٿئي،.
هڪدم ڊاڪٽر جي ڪمري ۾ ويس،
چيم ڊاڪٽر صاحب هتي مريض ٽڙپن ٿا پيا ۽ اوهان هتي A/C واري ڪمري ۾ آرام سان ويهي موبائيل جا مزا پيا ونو،
چيائين گهٽي ڏيگهہ نہ ڪر، وڃي پنهنجي مريضن کي رحيم يار خان کڻائي وڃ،
جلدي کڻائي وڃ نہ تہ هنن جا پساه اتي ئي پورا ٿي ويندء، چاکاڻ تہ امتياز کي دماغ

وارو ڏڪ آهي ۽ هي ڏڪ تمام خطرناڪ ٿئي ٿو، چيائين ٻين ڏي ته خير آ باقي امتياز جي حالت تمام گهٽتي جوڳي آهي،
چيم سائين ٿورو هلي چيڪ اپ ته ڪيو،
چيائين ٽر اکين کان، وڌيڪ مون کي ڊسٽرپ نه ڪر،
چيم پلا ايمبولينس جا ڊرائيور ڪٽي آهن،
چيائين چورا تون ته ڪو زليل ماڻهو آن، وجي هوڏي مر، ڏس وجي ڪٽي نه ڪٽي بينا هوندء،
ڊاڪٽر جو رويو ڏسي، منهنجو همت حوصلو جوش ۽ جذبو تمام گهٽجي ويو، مان پريشاني ۾ وکوڙجي ويس، مون کي هر طرف اونداهي نظر آئي، ٻي طرف منهنجي ذهن ۾ امتياز جو رت هاڻو جسم بار بار اڳيان پيو اچي،
پورو هڪ ڪلاڪ اسپتال جي اندر گهمي گهمي ٽڪجي پيس پر ڊرائيور لين ئي ڪونہ،
آخر تنگ ٿي ايم ايس ڏي ويس،
چيم، سائين ايم ايس صاحب هي ڪهڙي بدمعاشي، بدتميزي، گندا گردي، ۽ لاپرواهي آهي، جو اسان جا مريض هتي زخمن ۾ ٽڙپي ٽڙپي مري رهيا آهن ۽ اوهان جا ڊاڪٽر A/Cواري روم مان نڪري صرف چيڪ اپ ڪرڻ جي زخمت ٻه نٿا ڪن، چو سائين هي ڪهڙي داداگيري آ، صاحب ڳالهه ٻڌ جيڪڏهن منهنجي مائٽن کي ڪجهه ٻه ٽيو ته ان جو زميوار تون ۽ تنهنجا هي ڊاڪٽر هوندا، تون مونکي شايد سجاڻي ڪونہ ٿو مان ڦلاڻي اخبار جو رپورٽر آهيان،
پهرين ته ايم ايس صاحب ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو لال ٿي ويو پر جنهن مهل رپورٽر جي ڳالهه ڪيمپوء ٽڏو ٿي ويو،
ڪرسي تان اٿي ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو،
بابا خير آ خير آ سرڪاري ادارن ۾ ائين ٽيندو رهندو آ، تون ناراض نه ٿي توکي ڊاڪٽر ٻه ملن ٿا ايمبولينس ٻه ملي ٿي،
ايم ايس هڪدم پنهنجي ڪيسي مان موبائيل ڪڍي ورتو،
شايد ايمبولينس واري ڊرائيور ڏي پيو ڪري،
هيلو ڪاٿي آهيو ڙي، هتي مريض ٽڙپن پيا توهان پنهنجي لاپرواهي ۾ مست آهيو، ٻڌي نٿا مرو،
ايتري ۾ ڊرائيور ڊوڙندو اچي ايم ايس واري ڪمري ۾ پهتو،
جي سائين جي خير ته آهي،

ڊرائيور چوڻ لڳو،
هيڏي ڇا لاءِ ٿو اچين هوڏي ايمرجنسي واري وچ ۾ مريضن کي رحيم يار خان کڻائي وڃ،
ايم ايس ڊرائيور کي چوڻ لڳو،
پر تيستائين تمام دير ٿي چڪي هئي، امتياز جو ساهه نڙي تائين پهچي چڪو هو،
امتياز کي ميرپور مان کڻي جئين ئي رحيم يار خان شيخ زاهد هاسپيٽل جي ايمرجنسي واري پهتاسين تہ ڊاڪٽرن مريض کي ڏسڻ شرط ٻڌايو چوکرو تہ ختم کڻي آيا آهيو،
منهنجون تہ دانهون ۽ رڙيون نکري ويون، اي ڪائنات جا خلقڻهار هي ڇا ٿي ويو پر وري ڊاڪٽر آڻت ڏيندي چيو گهبرايو نہ، مريض جي ريڑه جي هڏي ٽڳل آ جنهن سبب هن جي جسم جو ساهه بلڪل ختم ٿي ويو آهي ڪجهه ڏينهن علاج ڪنداسين پوءِ طبيعت ۾ بهتري اچي ويندس،
وقت گذرندو رهيو، امتياز جو علاج هلندو رهيو، پر طبيعت ۾ ڪو به سڌارو نہ آيو، آخر اهو وقت به آيو جڏهن راولپنڊي ۽ ڪراچي جي ماهر ڊاڪٽرن امتياز کي لاعلاج ڪري ڇڏيو، ۽ هاڻ مسقتل طور نوجوان امتياز کٽڙي جي حوالي ٿيل آهي،

فيسبوڪي دوست جو وچوڙو

هو هڪ اعليٰ سوچ جو مالڪ هو، سندس تعلق ته امير گهراڻي سان هيس پر طبيعت بلڪل غريباڻي هيس، ادب اخلاق ۽ ڳالهائڻ ۾ رس چس ايتري جو پرائي کي به پنهنجو ڪيو ڇڏي، الطاف هو ته نوجوان پر دنيا جي ريتن ۽ رسمن کان اهڙو ته واقف هو جڏ هڪ صدي جو فرد هجي، هو مون کي سڳي پائرن وانگر سمجهندو هو، پنهنجي پرسنل ڳالهه به مون سان ئي شيئر ڪندو هو جڏهن شام جو وٽندڙ پهر ٽيندو هو تڏهن ميسيج ڪري چوندو هو،

يار ساجد ڪٿي آهين؟

چوندو هيس الطاف سائين مان گهر آهيان.

پيارا گهر چا پيو ڪرين؟

بس بابا فارغ آهيون مڙئي سعادت حسين منٽو جون ڪهاڻيون پيا پڙهون،

چوندو هو توبه توبه تنهنجو ته سڄو ڏينهن پڙهڻ ۽ لکڻ ۾ گذرندو آهي، هاڻي ڇڏ پڙهڻ کي شام ٿي وئي اٺئي اڇ ته پارڪ ۾ ڪچهري ڪيون. هي هڪ عجيب اتفاق هو ته الطاف جڏهن به ميسيج ڪندو هو يا امر جليل، جي ڪهاڻين جو ڪتاب، يا وري سعادت حسين منٽو جي ڪهاڻين جو ڪتاب يا وري طارق عالم جو ناول " رهجي ويل منظر " منهنجي هٿ ۾ هوندو هو. الطاف اڪثر مون کي چوندو هو ساجد تون پڙهي پڙهي انڏو يا ته چريو ٿي ويندين.

آئون چوندو هيس ٻيو چا ڪيون يار غريب ماڻهو آهيون نوڪري پاڻ کي ملي ڪونه، مڙيئي لکڻ پڙهڻ سان دل جو اٽڪيل آ، بس اهي ڪتاب ئي آهن جنهن سان پنهنجي سنگت آهي، هي ڪتاب آهن ته گونگا پر هنن کي ڏسڻ سان وڏي ڄاڻ مليو وڃي، الطاف پاڻ به علم جو اجيو هو، انگريزي ته ائين ڳالهائي جڻ انگريز هجي، پارڪ ۾ هو علامه اقبال جا شعر ته آئون مرزا غالب جا شعر ٻڌائيندو هيس، فيشني چوڪرو هو،

جڏهن به پارڪ ۾ ملاقات ٿيندي هئي، هو آمريڪي راڳي جسٽن بيبر يا ايڪون جا ڪلام ٻڌائيندو هو ته آئون پارت جي راڳي ڪمار سانو، سونو نگم، يا وري ادت نارائڻ جا ڪلام ٻڌائيندو هيس. الطاف سان دوستي جو داستان ڪجهه هيئن آهي جو هن مون ڏي فيسبوڪ تي فرينڊ ريڪوئيسٽ موڪلي. منهنجي فرينڊ لسٽ ۾ تقريبن سياسي سماجي اڳواڻ، شاعر، صحافي، اديب، ۽ ليکڪ آهن، تنهن ڪري آئون

ريڪوئيسٽ بہ ادب جي اجن جي Confirm ڪندو آهيان، الطاف جي جڏهن ريڪوئيسٽ آئي تڏهن مون هڪدم هن جي پروفائيل کوليم. سوچيم جيڪڏهن همراه علم، ادب جو ڄاڻون آهي تہ ريڪوئيسٽ Confirm ڪندس نہ تہ Pending ۾ رکي ڇڏيندس، آئون جڏهن الطاف جو پروفائيل کوليم تڏهن سندس I.D ۾ ڪا بہ سياسي، يا ادبي پوسٽ ڏسڻ ۾ ڪونہ آئي صرف جسٽن بيبر جون استائلش تصويرون ڏسڻ وٽان مليون،

تڏهن هن جي ريڪوئيسٽ Pending ۾ رکي ڇڏيم،

تقريبن هن جي ريڪوئيسٽ چار يا پنج ڏينهن Pending ۾ پئي هئي.

آخر هڪ ڏينهن هن Massanger ۾ ميسيج ڪيو.

صاحب ريڪوئيسٽ تہ confrrm ڪيو.

چيم حاضر بابا ڪيان ٿو.

چيائين وڏي مهرباني.

وري بي ڏينهن هن ميسيج ڪيو،چيائين پنهنجو مڪمل تعرف ڪرايو؟

آئون پنهنجو مڪمل تعرف ڪرايم. چيائين هونء تہ مان ادبي لکڻيون ڪونہ پڙهان پر اوهان جون لکڻيون اڪثر مان پڙهندو آهيان، بهترين لکندا آهيو.

الطاف کان پڇيم اوهان ڪير ۽ ڪٿان کان آهيو؟

چيائين مان اوهان جي ڳوٺ کان تقريبن 8 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي پري وينو آهيان.

ائين ئي مسلسل massanger تي رابطو ٿيندو رهيو.

هڪ ڏينهن الطاف ميسيج ڪيو.

ساجد توهان سان ملڻو آهي ڪڏهن ۽ ڪٽي ملندائو.

چيم جتي اوهان چئو.

چيائين اڄ شام 5 وڳي گلاب پارڪ ۾ اچجو.

نيڪ آ سائين آئون اچي ويندس.

شام جو نيڪ 5 وڳي پارڪ ۾ ملاقات ٿي، پوءِ اها ملاقات هر روز جو معمول بڻجي وئي، ملاقات وقت اسان وٽ رڳو علم جا موضوع جا هوندا هئا، چند ڏينهن ۾ اسان ٻنهي جي دوستي ايتري تہ جٽادار ۽ مستحڪم ٿي وئي جڏ نندپڻ جا دوست هجون، آخري ڏينهن ۾ هو ڏاڍو پريشان نظر ايندو هو، پڇڻ تي معلوم ٿيندو هو تہ،مون کي ڪجهہ بہ ڪونهي. اها آڇر جي اياڳي شام هئي جڏهن الطاف سان آخري ملاقات کانپوء ملاقاتن وارو سلسلو بند ٿي ويو. الطاف سان ملاقات کانپوء جيئن ئي آئون

ڳوٺ واپس آيس. گهر پهچڻ شرط ئي موبائيل جي گهنٽي وڄي. ڪال اٽينڈ ڪيم تہ روئڻ جو آواز آيو پڇيم خير تہ آهي ڪير ٿا ڳالهايو؟
سسڪندي دانهون، ڪوڪون ۽ رڙيون ڪندي چيائين مان الطاف جو والد آهيان، او منهنجا پيارا پٽ، منهنجو ٻچڙو الطاف ٽرالر جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو،
منهنجون رڙيون نڪري ويون، ڇا الطاف فوت ٿي ويو،

انڍو عقيدو

صابو جي شادي کي ڪجھ ئي مهينا ٿيا هئا، هڪ ڏينهن اچانڪ صابو جي گھر ۾ صابو جي امڙ پنهنجي ننهن کي وڏي وڏي آواز سان ست سريون ٻڌائي رهي هئي، صابو جي امڙ پنهنجي ننهن کي طعنا ۽ مهڻا ڏيندي چئي رهي هئي ته جڏهن کان صابو جي شادي تو جهڙي مڪار ۽ چالاڪ رن سان ڪرائي اٿم، تڏهن کان مون کي تو اهڙا ته تعويذ پيارا آهن، جو منهنجي طبيعت نيڪ ئي نٿي ٿئي، علاج ڪرائي ڪرائي ٿڪجي پئي آهيان پوءِ به کا به ڪسر نٿي پوي، الله ڪندو رن توکي قرآن پڃندئي، شل ٻيڙو غرق ٿيندئي. شل قبر ۾ جيت پوندئي.

صابو جي امڙ پنهنجي ننهن کي مرڻ جهڙا لفظ ڪڍي رهي هئي، پر شابس آ صابو جي وني کي جنهن هڪ لفظ به ٻاهر نه ڪڍيو، هو فقط پنهنجي سس جي زبان مان نڪتل گهٽيا الفاظ ٻڌي روئي رهي هئي، ۽ آسمان ۾ اکيون اٽڪائي ڪائنات جي تخليقار کي اندر ئي اندر ۾ ڏوراپو ڏيندي چئي رهي هئي ته اي منهنجا رب هي ڪهڙي ڏوھ جي سزا ڏئي رهيو آهين، پهرين به آئون ننڍپڻ کان بابا وارن جي گھر ۾ ڏکن، دردن، تڪليفن ۽ مصيبتن واري زندگي گذاري آئي آهيان، منهنجا مالڪ شادي کان پوءِ ته مون کي سک جو ساھ کڻڻ ڏين ها.

صابو جي امڙ پنهنجي ننهن کي منفي انجام تائين پهچائڻ ۽ سخت نتيجا پوگڻ جون ڏمڪيون ڏيندي رهي، ايتري ۾ سج به لهي ويو ۽ صابو به ڪم تان واپس وريو، پر صابو جي گھر واري صابو جي ورڻ کان پهرين پنهنجي پيڪن تائين پهچي چڪي هئي، صابو کڻ تي ويهي پنهنجي وني کي سڏيندي چيو: آسيا او آسيا پاڻي ته پيار، آسيا جواب ڪونہ ڏنو. ٻيهر چيئيس،آسيا پاڻي پيار اج لڳي آه.

اڄ ڪم به گھٽو ڪيو اٿم ٽڪجي به پيو آهيان.

پر وري به آسيا جو جواب ڪونہ آيو.

ايتري ۾ صابو پنهنجي امڙ کي چيو امان او امان اڄ آسيا ڪونہ ٽي نظر اچي ڪٽي غائب آ؟

ڪاوڙ ۾ جواب آيس ابا اهڙو ته زال کي لاڏڪو ڪري ڇڏيو اٽئي جو هو بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ ۽ بنا توکان پڇڻ جي ڳوٺ ڏي پنهنجي ماءُ، پيءُ، ڏي هلي ويندي آهي، اڄ منجهند جو هن مونسان جهيڙو ڪري وجي پنهنجي پيڪن تائين پهتي آهي،.

پر چو امان چا ڳالهہ آ، لڳي ٿو ضرور تون هن سان جهيڙو ڪيو هوندو.

صابو جي امڙ روئڻهارڪي آواز ۾ چيو ته پٽ صابو تنهنجي وني مون کي مرڻ ڪنڊي تي پهچايو آهي.

وري ڪئين امان، صابو چيو؟

منهنجا پٽ توکي ته خبر آ آئون بيماري جو علاج ڪرائي ڪرائي ٿڪجي پئي آهيان پر پوءِ به بيماري جي پاڙ نٿي پٽجي، تنهنڪري پٽ اڄ آئون هڪ فقير بابا ڏي وئي هيس، هن منهنجو هٿ ڏسي سڄو راز پروڙي ورتو، چيائين ته مائي توسان تعويذ ٿيل آهن، تعويذ به اهڙا ٿيل اٿئي جو تنهنجي زندگي فقط ڪجهه ڏينهن آهي، پوءِ تون هميشہ لاِ قبر انڌاري ڪوٺڙي ۾ آرامي ٿيندين.

پوءِ آئون فقير سائين کان پڇيم فقير سائين، اهڙو ويڌن مون سان ڪنهن ڪيو آهي ۽ چو ڪيو آهي؟

فقير مون کان پڇيو:

اوهان جي گهر ۾ گهٽا گهرياتي آهن، مون چيو هڪ مان ٻيو منهنجو مڙس ٽيون منهنجو پٽ، 2 منهنجون ڌيئرون ۽ هڪ منهنجي ننهن ٽوٽل 6 گهرياتي آهيون، تنهن تي فقير چيو، اسان فقير تعويذ ڪرڻ واري جو نالو هرگز ناهيون ٻڌائيندا پر جي تون چوين ٿي ته توکي نالو به ٻڌائيندسين، پر هڪڙي شرط تي

چيم شرط وري ڪهڙي فقير؟

چيائين پئسا ڊبل وٺندو سانئين، چيومانس ٺيڪ آ تون نالو ٻڌائي، چيائين توسان تعويذ تنهنجي ننهن ڪيا آهن، تون تنهنجي ننهن جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻيل آهين تنهن ڪري هو توکي تعويذ ڪري مارائڻ چاهي ٿي، ۽ پنهنجو رستو صاف ڪرڻ چاهي ٿي.

منهنجا سهٽا صابو پٽ فقير جي زبان مبارڪ مان اهڙا سخن سڻي منهنجي زمين پيرن هيٺان نڪري وئي. امان پو چا ٿيو فقير ٺيڪ ٿيڻ جو ڪو رستو به ٻڌايو يا نہ ۽ ها توکان پئسا گهٽا ورتس؟

ها ابا،

هن پنهنجي پوتي مان ڳڻي چوڙيندي ڪجهه تعويذ ڪڍي پنهنجي پٽ کي ڏيکاريا، چيائين پٽ هي تعويذ ان فقير ڏنا آهن چيائين ته هنن تعويذن کي روزانو پريات ڏاري هڪ هڪ ڪري ساڙيندي رهجان، چيائين انشاءالله ڪجهه ڏينهن ۾ خير ٿي ويندي، ۽ توکان پئسا گهٽا ورتس صابو چيو؟

چهه هزار روپيا ورتائين.

صابو بيزاري واري انداز ۾ چيو امان او امان توکي هاڻي چا چوان

نہ پٽ نہ ڪجھ نہ ڇئو منھنجو فقير سائين تي انڈو عقيدو آھي ڏسجو آئون ڪجھ ڏينھن ۾ نيڪ ٿي ويندس، صابو پٽ تون ھاڻي ھڪڙو ڪم ڪر!

ڪھڙو ڪم امان؟

پنھنجي گھرواري کي طلاق ڏي.

ڇو امان ھي ڇا پئي چوين تنھنجو دماغ ته نيڪ آ نہ، آئون آسيا کي طلاق ھرگز ڪونہ ڏيندس، مون کي آسيا جي خبر آ ھو ائين ڪري بہ نٿي سگھي، ھن ھميشہ امن جي پرچار ڪئي آھي، منھنجي امان تو سان تعويذ ناھن ٽيل، ھي تنھنجو انڈو عقيدو منھنجو گھر برباد ڪري ڇڏيندو،

بھرحال تون پريشان نہ ٿي آئون تنھنجو علاج ڪنھن وڏي نجي اسپتال مان ڪرائيندس، امان تون ته ھميشہ ويچاري ڊاڪٽر رفيق کان علاج ڪرايو آھي، ھن ويچاري کي ڪھڙي خبر ته توکي مرض ڪھڙو آھي، ھو ويچارو پاڻ بہ عطائي ڊاڪٽر آھي،

۽ ھو جيڪو تو وارو فقير بابو آ ان جو سڄو ڏينھن ڪوڙ، ڏوکي، فراڊ، ۽ ٺڳي تي گذارو آھي،

پٽ تنھنجي زال مون سان جيڪو لقاء ۽ ويڌن ڪيو آھي اھو سمورو اوھان کي ٻڌايو آھي، ھاڻ جيڪڏھن مون کي زنده ڏسڻ چاھين ٿو ته پنھنجي زال کي طلاق ڏي،

امان طلاق ته ان کي ڪنھن بہ صورت ڪونہ ڏيندس، باقي سياڻي تو کي ڪنھن وڏي اسپتال ضرور ونڃي ويندس،

او منھنجا صدورا پٽ مون کي ڪوبہ مرض ناھي مون سان تعويذ ٽيل آھن، جيڪي تنھنجي زال ڪيا آھن،

صابو بيزاري مان ھٿ ٻڌي چيس امان الله کي مڃ ھاڻي چپ ڪر سياڻي ڏسنداسين، ماني وغيره کائي صابو ۽ ان جا گھرياتي ننڊ سمھي پيا، آخر صبح بہ ٿي وئي، صابو صبح جو تڙ ۽ ناشتو ڪري پھرين ڳوٺ پنھنجي زال کي ونڻ ويو، زال کي گھر ونڃي آيو ۽ پنھنجي امڙ کي چيائين امان تيار ٿي ته تنھنجو ھٿ ڏيکاري اچان،

ھا ابا تيار ٿيان ٿي، صابو جي امڙ جھٽ ۾ تيار ٿي ۽ پوء موٽر سائيڪل تي چڙھي ھڪ سني اسپتال ويا، صابو جي امڙ اسپتال ۾ ڊاڪٽر کي پنھنجي بيماري بابت آگاھي ڏني، ڊاڪٽر ھن جي پيلي اکين ۽ چھري کي ڏسي بيماري جو اندازو لڳايو ته امڙ توھان کي ھيپاٽائيٽس آھي، ھن بيماري جو مسلسل 6 ڇھ مھينا دوائن جو ڪورس ھلندو پوء اوھان جي ھن بيماري مان پاڙ پٽجي ويندي، ۽ اوھان جي طبيعت بلڪل نيڪ ٿي ويندي،

ڊاڪٽر پرچي تي ڪجھ دوائون لکي ھن جي ھٿ ۾ ڏني، ۽ چيائين امان ھي ونو دوائن جي پرچي ٻاھرين اسٽور تان وٺي اچو پوء اوھان کي دوائون ڪائڻ جو ٽائيم ٽيبل ٻڌايان،

ھو اسٽور تان دوائون وٺي آيا، ۽ ڊاڪٽر ھنن کي دوائون ڪائڻ جو وقت ٻہ ٻڌائي ڇڏيو، بعد ۾ ھو گھر موٽي آيا، گھر واپس موٽڻ شرط ھن پنھنجي ننھن کان معافي ورتي،

چيائين امان مون کي معاف ڪجان منھنجو ڪاني لڳي فقير تي انڊو عقيدو ھو جنھن جي ڪري آئون توکي گھٽ وڌ ڳالھايس،

آسيا ٻہ پنھنجي سس کي جھٽ گھڙي ۾ معاف ڪري ڇڏيو،

بعد ۾ ھن دوائون ڪائڻ شروع ڪيون، ۽ اھڙي طرح ھن جي طبيعت ۾ وقت بوقت سڌارو ايندو ويو ھن مسلسل ڇھ مھينا وقت جي پابندي جي حساب سان دوائون ڪاڌيون،

6 مھينن کانپوء ساڳئي اسپتال ۽ ساڳئي ڊاڪٽر ڏي چيڪ اپ ڪرائڻ لاِ ٻيھر ويا، ڊاڪٽر چيڪ اپ ڪرڻ کان بعد مبارڪ باد ڏيندي چيس تہ امان مبارڪ اٽئي اوھان جي ھيپاٽائيٽس مان جند آجي ٿي چڪي آھي، ۽ ھاڻ اوھان بلڪل نيڪ آھيو،

ڪمپني جي ڪال

اجان روح کي راح بخشيندڙ سڄ پنهنجي لالاڻ ڪونہ ڪڍي هئي، اجان سيئي ڳوٺ وارا پنهنجي گرم بستر ۾ سردي جو مزو وٺي رهيا هئا، ۽ اسان جي اڳڻ تي پڪين جا ولر پنهنجي منڙي ٻولي ۾ ٻيچل جي چنگ وانگر سازندا وڄائي رهيا هئا ۽ ٽڏڙي زمين تان داڻو چڳي رهيا هئا،

آئون ٻہ گرم بستر ۾ مزي سان موبائيل پئي هلايم،

اوچتو صبع جو سوير سوير منهنجو دروازو ڪڙيو، گرم بستر مان اٿندي تہ مونکي ٻرو پئي چڙهيو پر تنهن هوندي ٻہ اهو سوچي اٿڻو پيو تہ يارا صبح جو در ڪڙڪيو آهي الله خير ڪري،

جيئن ئي دروازو کوليم تہ ڏسان تہ اسان جي ڳوٺ وارو ڏنو خوشي ۾ ولهور نظر پئي آيو،

چيم، اڙي ڏنا مڻا خير تہ آهي ڇا تي صبح سان مٿو خراب ٿيو اٿئي، ۽ هي اچانڪ تنهنجي ٻڳل ۽ بي سري چهري تي مرڪ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟

ڏني چيو پهرين اندر هل کو چانهہ چڪو پيار،

کو باهہ جو مڇ ٻارائي، پوء سڀ حقيقت ٻڌايائين ٿو،

ها، ها اڇ اڇ اندر اڇ،

آئون هيڏانهن شريفان کي هڪل هنيم، شريفان او شريفان؟

ايتري ۾ شريفان ٻہ اکيون مهٽيندين مون وٽ آئي،

جي ڪيان نورا،شريفان چيو

شريفان ياء ڏنو آيو آ، چلهہ ۾ باهہ ٻار، ڪا گهاٽڙي چانهہ تيار ڪر،

شريفان جهٽ گهڙي ۾ باهہ ٻاري ۽ آئون ڏني کي چيم اڇ تہ باهہ جو مزو وٺون،

باهہ تي ويهڻ شرط ڏني چيو، اڙي نورا ساڻ سڙيا اڇ اسان ٻہ زميندار ٿي وياسين،

حيرت مان پڇيم، ڏنا ڏانئڻ وري ڪيئن؟

مڻا اڇ ڀلا آکڙو لڳو ٿئي چا؟

نہ نورا نہ،

آن باقي؟

نورا اڄ صبح جو مون ڏي ڪمپني جي ڪال آئي هئي، ڪمپني وارن چيو، بهائي جان آپ کو مبارڪ هو آپ کي لاٽري نڪلي هي اور آپ ني جيتين هين پچاس تولا سون اور پچاس لاک ڪيش، اور هان يي رقم وصول ڪرني کي لئي آپ کو ميري نمبر پي فلحال چار هزار بهيجني هونگي، بعد مين آپ کو يي ڪيش رقم اور پچاس تولا سون آپ کي گهر کي ايڈريس پر پجوا دينگي،

چيم پوء؟

پوء سائين مون کان گهر جي ايڈريس بابت معلومات ورتائون ان کان بعد چيائون ته جلد پئسا موڪليو ته جيئن اوهان ڏي هي سون ۽ ڪيش جلد کان جلد اماڻيون، ۽ هاڻ سوچان ٿو ته سڄ اپري ۽ دوڪانون کلن ته ڪمپني ڏي چار هزار موڪليان، پر سوچيم ايترو ڪجهه ڪرڻ کان پهرين پنهنجي پاء نورو کي خوشخبري ٻڌائيندو وڃان،

نورو پاء هاڻ پريشان نه ٿي پنهنجا سپ ڏک، درد، دور ٿي ويندا،

چيومانس ڏنا هي سپ نڪي اٿئي،

ڏني چيو نه نورا هي ڪوڙ ناهي،

وري چيومانس ڏنا پاء هي سپ ڪوڙ نڪي ۽ فراڊ اٿئي،

پر ڏني ته تري تيل به نه لاهڻ ڏنو،

ڳالهيون ڪندي آخر 9 وڄي جو وقت ٿيو،

ڏني چيو نورا ٽائيم ڳچ ٿي ويو آهي لڳي ٿو ايزي پئسن وارا دوڪان کلي ويا هوندا، هاڻي چگو آئون هلان ٿو،

نيڪ آ ڏنا وجين ته ٿو پر منهنجي ڳالهه ياد ڪجان هي سپ ڪوڙ اٿئي،

ڏنو ٽهڪ ڏئي نڪتو اهو پئي ويندو ٿي،

ڪجهه ڪلاڪن کان پوء ڏنو ٻيهر منهنجي گهر آيو،

چيائين نورا خير سان پئسا موڪليا اٿم، پر ها پئسا موڪلڻ کان پهرين ڪمپني وارن سان کال تي ڳالهايو هيس، انهن چيو فڪر نه ڪيو اوهان کي 2 ڏينهن اندر گهر ويني پئسا ۽ سون ملي ويندو،

چيم نيڪ آهي 2 ڏينهن انتظار ڪر، ڏسون ٽا چا ٿو ٿئي،

چيائين مون کي يقين آهي ڪمپني وارا مون سان نڪي ڪوڙ ڪندا ۽ مون ڏي سون ۽ پئسا ضرور موڪلينداء

ڏني کي ڪمپني وارن ته 2 ڏينهن جو وقت ڏنو هو، پر ٻن ڏينهن بدران 5 ڏينهن گذري ويا پوء به نه هن ڏي پئسي آيا نه ئي سون آيو،،،،

آئون هڪ ڏينهن ڏني جي گهر ويس، ڏسان ته ڏنو ويچارو مٿي تي هٿ رکي پريشان ۽ اداس وينو آهي،
چيم ڏنا خير ته آهي؟
چيائين يار انهي ڏينهن تنهنجي ڳالهه تي عمل ڪيان ها ته جيڪر اڄ مون کي ڏمڪيون نه ملن ها،
چيم ڏمڪيون؟
ها يار جيڪي پئسا ڪمپني وارن ڏيموڪليا هيم اهي پئسا ڪنهن کان اڌارا ورتا هيم، اڄ اهو منهنجي گهر اچي مون کي ڏمڪي ڏني اٿس ته جيڪڏهن اڄ مون کي پئسا نه مليا ته تنهنجي ٻکري کاهي ويندس،
نورا هاڻ پريشان آهيان ته ان کي پئسا ڪٿان ڏيان؟
چيومانس ان کان پهرين جو هو تنهنجي ٻکري کاهي وڃي هي وٺ 4 هزار هن کي ڏئي اڄ ۽ جڏهن توکان پئسا ٽين مون کي ڏجان.

ميلو

دوست چيو فلاڻي بزرگ جو ميلو آهي، هل تہ گهمي اچون،
چيم اهو ميلو وري چا آهي؟
چيائين توکي ميلي جي بہ خبر ناهي، چيائين ٻڌ پلا
ميلي ۾ سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ثقافت ۽ تمدن جا رنگ هوندا آهن، علم، ادب، تصوف ۽ سماج بابت ڄاڻ ڏني وڃي ٿي، صوفياڻو راڳ، مڇ ڪچهري، سگهڙ ڪچهري، ملهه، ملاکڙي، سميت ڏيهي توڙي پرڏيهي ادبي ڪتابن جا وسيع اسٽال لڳل هوندا آهن، ان کان بعد سنڌي سڀاجهڙا پنهنجو ثقافتي لباس پهري ميلي جو شان وڌائين ٿا، هر طرف ماڻهو پيار، پريت، امن، ۽ محبت، جي پرچار ڪن ٿا، صوفين، ولين ۽ الله جي بزرگن جي خيالن ۽ نظرين بابت ڄاڻ ڏني وڃي ٿي،
مون دوست جي زبان مان ميلي جي واکاڻ ٻڌي، هڪدم تيار ٿي پيس،
ٽات پٽات ٿي جڏهن ميلي ۾ قدم رکياسين تہ گوڙ، ٻڙتول، ڏمڙ، ۽ اسپيڪرن جي آوازن ڪن ئي ٻوڙا ڪري ڇڏيا،
ڪن تي هٿ ڏئي اڳتي وڪون وڌائيندا وياسين، ڏسان تہ بوڪ اسٽالن بدران اسٽالن تي ماڻهو گول رنگ ذريعي جوا پيا کيڏين، ٿورو اڳتي وڌياسين تہ سگهڙ ڪچهري، ۽ مڇ ڪچهري، بدران شراب جي نشي ۾ ڌت ٿيل ڪجهه فرد تنبو ذريعي اڏيل هڪ ڪونڙي ۾ ٽيپ ۾ ڏسکو ڪلام هلائي جهمريون پيا کيڏين،
جيئن ئي اڳتي وڌيس، چا ٿو ڏسان تہ هڪ لوهي وڏي گيٽ تي پوسٽر لڳو پيو آهي، انهي پوسٽر تي ڪجهه عورتن جا اڌ ڪپڑا پهريل اگهاڙا ڦوٽو نظر آيا، انهي گيٽ جي اندرين ماحول ۾ داخل ٿيڻ لاء ماڻهو ٽڪيٽ واري کان پئسن ۾ ٽيڪيٽ پيا ونن، سو اسان بہ ٻہ 2 ٽڪيٽون خريد کيون، جيئن ئي اندر داخل ٿياسين ڏسکو گانو ٻڌڻ ۾ آيو، ان گاني تي ڪجهه ينگسٽر عورتون نچي رهيون هيون، ۽ ان عورتن مٿان ماڻهو پئسي جو مينهن وسائي رهيا هئا، ڏسان پيو ڪي ماڻهو عورتن کي ڪجهه پئسي ڏئي، انهن جي ڇاتين کي هٿ پيا لاهين.
تڏهن آئون حيرت ۽ سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏندو ۽ ترندو رهيس ٻڏندي ترندي پاڻ بچائيندي حيرت ۽ سوچن جي سمنڊ مان ٻاهر نڪرندي ئي سوچيم واااااه ڪائنات جا تخليقڪار هن دنيا وارن تہ پئسا کي ايمان سمجهو آهي، هتي تہ نياڻيون پئسن تي پنهنجي جسم جي نمائش پيون ڪن ۽ چند ڏوڪڙن تي خوب ٿيون نچن،
انهي عورتن لباس ئي اهڙو پاتو هو جو عورتن جون ڇاتيون بہ بلڪل عيان هيون،

اتان توبہ توبہ ڪري ٻاهر نڪتاسين،
ٿورو اڳتي وڌياسين ڏسان تہ ڪجھ تنبن جون ڪوڙيون اڏيل آهن، انهي تنبن مان چند نوجوان چوڪرا سلوار جو اڳڻ ٻڌندي نظر آيا، پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ هتي 200 روپيا ڏئي ٽين نسل (ڪدڙن) سان جنسي تعلقات قائم ڪري سگھجي ٿو،
ان کان بعد اڳتي وڌڻ جو سلسلو جاري هو، چا ٿو ڏسان تہ پيار، پريت، امن، ۽ محبت جو درس ڏيڻ بدران نشي ۾ ڌت ٽيل ڪجھ ماڻھو وات ويندڙ ماڻھن کي ماءُ، ۽ پيٽ جون اگھاڙيون گاريون ڏئي رهيا هئا،
ڏسان پيو پوليس وارا ۽ صحافي پريس جو ڪارڊ ڳچي ۾ وجهي مفت ميلو پيا گھمن،
دوست کي چيم يار هتي تہ حالت لڳي پئي آهي، صحافي جيڪي سماجي ۽ معاشرتي برائين ۽ بيڙائين جون خبرون رونما ڪن ٿا، سي سڀ وتن ٿا انهي سماجي برائين جو مزو وٺندا،
پوليس جيڪا سماجي برائن کي ختم ڪري ٿي، اها بہ هي سڀ لقاءِ اکين سان ڏسي ٿي، پر خاموش آهي،
چيومانس يار تون تہ چيو پئي ميلي ۾ مڃ ۽ سگھڙ ڪچهري، ڪتابن جا اسٽال ملھ ملاکڙو ۽ ٻيو بہ گھٽو ڪجھ آهي، پر هتي تہ سواءِ عياشي جي ڪجھ بہ ناهي،
چيائين، دراصل آئون بہ ميلن ۾ ڪڏهن ڪونہ ويو آهيان، هي سڀ معلومات آئون ڪتابن مان حاصل ڪئي آهي،
بيزاري مان چيم، ياررررر چا چوان توکي، بس هاڻي موٽر سائيڪل اسٽارٽ ڪر تہ هلون گھر.

قسمت

سياري جي سرد ۽ سانت رات ۾ رمضان ۽ سندس وني هڪئي ڪٺ تي سمهي رهيا هئا، رمضان اڀ ۾ اکيون اٽڪائي سوچن جي سمنڊ ۾ غوطا پئي کاڌا، هو سوچن جي سمنڊ مان ٻاهر نڪري پنهنجي وني کي چوي ٿو،

گل خاتون

جي ڪيان؟

گل خاتون مون کي ته سوچون ڪا هڪ ساعت سمهڻ نٿيون ڏين،

چو رمضان چا مسئلو آهي؟

گل خاتون سوچان ٿو پاڻ وارو نوجوان پٽ شاهزيب نه ڪم ڪري ٿو ۽ نه ئي پنهنجي پيرسن پيءَ جو ڪو احساس ڪري ٿو، هو سڄو ڏينهن ڇڙواڳ ڇوڪرن سان شهر جون گهٽيون، ۽ بازارون رلندو آهي،

گل خاتون هاڻ ته منهنجي جسم ۾ مزدوري ڪرڻ جيتري قوت ناهي رهي، آخر نوجوان نياڻي جو به بار وينو آهي، ان جو به ڪٽي بلو ڪرڻو آهي، پر اهو به تڏهن ٿيندو جڏهن جيب ۾ پئسا هوندا، مون کي سمجهه نٿو اچي ته آخر پنهنجي گهر جو سسٽم ڪئين هلندو؟

جيڪڏهن شاهزيب کي چگهائي پلائي چوان ٿو ته هو خودڪشي ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي ٿو، آخر وجان ته وجان ڪاڏي؟

رمضان الله وڏو آ، ڪائنات جو مالڪ غريبن کي ڏکيو ڪونه ڇڏيندو، تون هاڻ آرام سان ننڊ ڪر، سياڻي سوير شاهزيب کي گڏجي سمجهائينداسين، الله ڪندو سمجهي ويندو ۽ ڪم ڪار ڪري تنهنجو پرجهلو ٿيندو،

نه گل خاتون مون کي نٿو لڳي ته شاهزيب منهنجو پرجهلو ٿيندو، يا وري پنهنجو ڇيو ونندو،

رمضان تون هاڻي آرام ڪر، سياڻي انهي ڳالهه کي ڏسنداسين،

نيڪ آ گل خاتون، غريبن جي الله کي پارت، ائين ڇئجي رمضان سمهي رهي ٿو،

آخر رات پنهنجي ڇاڻي تي پهچي ٿي، ۽ صبح جو سج ايري ٿو، رمضان جا گهرياتي به ننڊ مان سڃاڳ ٿي پون ٿا،

چانهه وغيره ٿئي ٿي، سيئي چانهه پيئن ٿا،

شاهزيب منهن هٿ ڌوئي، چانهه وغيره پي، ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو ته امڙ پڇيس ٿي، ابا ڪاڏي ٿو وڃين؟

ڪاوڙ ۾ چيائين جاڏي وجان تنهنجو چا،
امڙ چيس پٽ ٿورو سڌري وڃ، ماحول خراب لڳو پيو اٿئي، ڪٿي حقون ناحقون قاسي نہ وجين، سياڻو ٿي ٻچا، پنهنجا پير سنياري وڃ، تنهنجو ابو پوڙهو ٿي چڪو آهي، ڪجهہ ان جي مدد ڪر، ڪو ڪم ڪار ڪر،
هو بيزاري مان چوي ٿو، چا ڪيان امڙ منهنجي قسمت ۾ ڪم لکيل ئي ڪونهي، مون کي ڪٿي ڪم ملي ئي ڪونہ ٿو،
ايتري ۾ هنن جي گهر، پاڙي وارو ماستر شبير اچي ٿو،
شبير چوي ٿو ادي گل خاتون چا تي سويري سويري ڪروڌ لاٿيون بيٺي آهين،
ادا شبير نوجوان پٽ گهر ۾ وينو آهي ۽ ڪراڙو پيء ڪمائي گهر جو چرخو هلائي ٿو، اڄ هن کي سمجهائي رهي آهيان تہ پٽ ڪم ڪار ڪر، نہ تہ ماڻهو ٽڪون هڻندا،
پوء شاهزيب چا ٿو چوي؟
شاهزيب چوي ٿو منهنجي قسمت ۾ ڪم آهي ئي
ڪونہ،
ماستر شبير شاهزيب سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو ائين شاهزيب؟ ادي گل خاتون چا پئي چوي؟
ها استاد شبير مون کي ڪم ڪٿي ملي ئي نٿو، شايد الله پاڪ منهنجي قسمت ۾ ڪم لکيو ئي ناهي،
تڏهن ماستر شبير چوي ٿو، پٽ قسمت انسان پنهنجي پاڻ ناهيندو آهي، قسمت يا نصيب جو انسان سان ڪو بہ تعلق ناهي،
شاهزيب حيرت مان چوي ٿو استاد اهو ڪئين پلا؟ اسان تہ هميشہ کان ئي ٻڌندا آيا آهيون تہ هن معاشري ۾ هر انسان سان جيڪو ڪجهہ بہ ٿئي ٿو اهو ان جي قسمت ۾ لکيل هوندو آهي،
نہ شاهزيب نہ، ائين بلڪل بہ ناهي،
باقي ڪئين استاد؟
شاهزيب توکي تہ خبر آهي الله پاڪ کي سيئي انسان پيارا آهن، پوء پلا ڪنهن جي قسمت ۾ اميري ڇو لکيائين ۽ ڪنهن جي قسمت ۾ غريبي ڇو لکيائين؟ ڪنهن جي قسمت ۾ نماز ڇو لکيائين تہ ڪنهن جي قسمت ۾ بي نمازي ڇو لکيائين؟ ڪنهن جي قسمت ۾ شراب، ۽ زنا لکيائين تہ ڪنهن جي قسمت ۾ پرهيزگاري ڇو لکيائين؟ ڪنهن جي قسمت ۾ قرآن جو حافظ لکيائين تہ ڪنهن جي قسمت کي اٺپڙهيل ۽ جاهل ڇو لکيائين؟ هاڻي جيڪڏهن ڪو فرد ڦل اسپيڊ ۾ بي ڌياني ۽ لاپرواهي سان

موٽر سائيڪل يا ڪار هلائي ٿو ۽ جڏهن ايڪسيڊنٽ ٿي فوت يا هميشہ لاءِ اپاهج ٿي وڃي ٿو، ڇا اهو ب ان جي قسمت ۾ لکيل هو؟ جيڪڏهن هو احتياط ڪري ها ته ڇو نقصان ۾ وڃي ها،

۽ ها ٻي ڳالهہ ٻڌ شاهزيب،

جي ٻڌايو استاد،

توهان کي خبر آهي خودڪشي ڪرڻ سخت گناه آهي، ڇا خودڪشي ذريعي ماڻهن جو موت ب قسمت ۾ لکيل هوندو آهي؟ سوچڻ جون ڳالهيون آهن، هي سڀ انسان جون پنهنجون ڪيون آهن، بس مڙيئي انسانن کي قسمت جو ڀهانو هٿ اچي ويو آهي، ماستر شبير جون ڳالهيون ٻڌي شاهزيب جون اکيون ڪلي وڃن ٿيون، هو حيرت ۾ چوي ٿو

استاد شبير توهان جون ڳالهيون بلڪل سهي آهن،

تڏهن ماستر شبير چوي ٿو پٽ همت، حوصلو، جوش، جذبو، ۽ جاکوڙ ڪرڻ سان ڪم ٿئي ٿو، باقي قسم تي ياڙڻ بلڪل ب غلط آهي،

استاد شبير جون ڳالهيون شاهزيب لاِ اتساه جون علامت بڻجن ٿيون، هو ٻي صبح جو پنهنجي ابي سان گڏ ڪم تي وڃي ٿو، ۽ اهڙي طرح مسلسل ڪم تي ويندو رهي ٿو، هاڻي ته هن جي گهر جا حالات ب آهستي آهستي سهي ٿيڻ لڳا ها، ۽ شاهزيب جيڪو سڄو ڏينهن ڇڙواڳ ڇوڪرن سان رلندو هو، هاڻ اهو پنهنجي محنت ۽ ذريعي پنهنجي پيڙ جو ڏاڄ ونڻي شادي ب ڪرائي ڇڏيائين ۽ پوڙهي ابي جو پرجهلو ب ٿي بينو آهي،

محسوساتي ڪيفيت

مون قلم ۽ ڪاغذ هٿ ۾ ڪنيو آهي، قرطاس ابيض تي محسوساتي ڪيفيت ۽ من اندر جون سوچون ۽ لوچون قلم جي نوڪ سان قيد ڪرڻ پئي چاهيس، اڃان تحرير جو پهريون لفظ لکڻ وينس تہ ذهن ۾ هڪ معصوم نياڻي جو گهٽا ڏنل لاش تري آيو، جيڪو ڇڻ تہ مون کي دانهن ڏئي چئي رهيو هو تہ

اي درد وندن جي دانهن قيد ڪرڻ وارا ليکڪ،

ڪجهہ مون تي بہ لکجان، مان بہ تنهنجي قلم جي ڪجهہ مس کپائڻ چاهيان ٿي،

چاکاڻ تہ مون کي بہ انسان جي روپ ۾ وحشي درندن جنسي بک جو نشانو بڻائي گهٽا ڏئي ابدي ننڊ سمهاري ڇڏيو آهي،

اڃان ان معصوم پنهنجي دانهن پوري ئي مس ڪئي، هڪ خوبصورت ڪنواري چوڪري جو لاش ذهن ۾ لامارا پيو ڏي،

جيڪو ڇڻ تہ مون کان پڇي رهيو هو تہ

اي ليکڪ چا پيو لکين؟

ان خاموش ٽيل لاش کي جواب ڏنم تہ

درد وندن جي دانهن پيو لکان،

چيائين ٽوري قلم جي مس مون تي بہ خرچ ڪجان چاکاڻ تہ مون کي بہ سماج جي جاهل ترين انسانن ناحق ڪارو ڪاري جو ڪوڙو بهتان هڻي ڪهاڙيون هڻي الهڙ جواني ۾ قتل ڪري ڇڏيو آهي،

منهنجي اکين کان نير وهي آيا، مان ان بي جان لاش جي دانهن ڪاغذ تي اتارڻ وارو ئي هيس تہ پنيان ڪنهن نوجوان منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو،

چيائين ڪير آهين،؟

چيم ڪاغذ تي درد وندن جي دانهن قيد ڪرڻ وارو ليکڪ آهيان،

چيائين هڪ دانهن منهنجي بہ قيد ڪر،

مان پڙهيل لکيل، شعور رکندڙ بيروزگار باشعور فرد آهيان، پر مون کي اڄ تائين نوڪري ناهي ملي، هاڻي آئون بيروزگاري سبب پريشان ٿي ويو آهيان، مون کان وقت جي حڪمرانن جيئڻ جو حق کسي ورتو آهي، منهنجا احساس تہ پهرين ئي آپگهات ڪري چڪا آهن ۽ خواهشون بہ خودڪشي ڪري چڪيون آهن، پر اڄ مان پاڻ بہ آپگهات ڪرڻ پيو وڃان، اگر تنهنجي قلم ۾ طاقت آهي تہ لفظن جي

ڪارگردگي ذريعي وقت جي حڪمرانن کي منهنجي خودڪشي جي اطلاع ڏئي گهروڙي منهن ۾ پوندا ڏجان،
اهڙي طرح ڪجهه دير ڪانپوءِ اهو نوجوان منهنجي اکڙين کان اوجهل ٿي ويو،
ڪجهه ساعت ڪانپوءِ لاتعداد مردن عورتن ۽ معصوم ٻارڙن جي دانهن، ڪوڪن، ۽ رڙين مون کي وائڙو ڪري ڇڏيو، ڪو پاڻي جي دانهن پيو ڏي، ڪو پوليس جي ذيادتين جي دانهن پيو ڏي، ڪو گمشده ٽيل فردن جي دانهن پيو ڏي، ڪو قاتل کي گرفتار ڪرائڻ جي دانهن پيو ڏي، ڪو وڏيري جي ظلم، ذيادتين، ڏاڍ، ۽ ڏمر، جي دانهن پيو ڏي،،،
مان بلڪل پريشان ٿي ويس، وائڙو، بيحال ۽ بتال ٿي ويس ڪاغذ ۽ قلم ميز تي رکي ٻڌڻ وارو هيس تہ ڪنهن ٻانهن کان پڪڙي ورتو،
چيائين ڪاڏي؟
پڇيم تون ڪير آهين؟
چيائين مان تنهنجي امڙ آهيان،
امڙ؟
ها مان تنهنجي امڙ " سنڌ " آهيان،
مان سنڌ امڙ جو بيحال، حال ڏسي روئڻهارکو ٿي ويس، پريشان ٿي ويس، نهايت ئي گهبرائجي ويس، منهنجو دماغ هڪ دم تاريخي ڪتابن ڏانهن مائل ٿي ويو، انهي تاريخي ڪتابن ڏانهن، جنهن ۾ مون پڙهيو هو تہ سنڌ ماضي ۾ سهڻي، شاهوڪار، امن پرست، ۽ صوفين، برزگن، ۽ الله وارن جي ڌرتي هئي،
مان سنڌ امڙ کان پڇيم منهنجي جيجان تنهنجي اهڙو حشر ڪنهن ڪيو آهي،
چيائين منهنجو هي حال، چورن، لوٽيرن، ڏاڙيلن، ڌرتي دلالن، ٻاهريان آيل ڏارين، ۽ منهنجي ڪک مان جنم ونندڙ منهنجي پنهنجن،
منهنجي پنهنجن؟
ها منهنجي پنهنجن، اهي منهنجا پنهنجا جيڪي وقت جا حڪمران آهن،
سنڌ امڙ چيو منهنجا ٻچا انهن منهنجي فطري حسن کي ختم ڪيو آهي، منهنجي روح کي زخمي ڪيو اٿن، منهنجي وسيع ميدان تي رت جي راند پيا کيڏائن،
منهنجي جياپي لاءِ ڪجهه نہ پيا ڪن،
آخر ۾ سنڌ امڙ روئندي چيو الله جو واسطو اٿئو مون کي وقت جي منصف کان نياءِ ونڊي ڏيو،
ڪجهه ساعت ڪانپوءِ سنڌ امڙ منهنجي اکين کان اوجهل ٿي وئي،،

اهڙي طرح مان پنهنجي تحرير کي پهرين لفظ کان اڳتي نہ وڌائي سگهيس، منهنجو دماغ ڪم ڇڏي ويو، لفظن جي ديوي رسي وئي، ۽ منهنجي محسوساتي ڪيفيت مون کان وسري وئي.

نتيجو

هن کي بار بار ڳوٺ وارا چوندا رهيا ته ادا تنهنجي نياڻي جوان ٿي وئي آهي خميسا ياءِ پنهنجي نوجوان نياڻي جي شادي ڪرائي جان ڇڏائي ڇاکاڻ ته اڄ ڪالھ ماحول خراب آهي ۽ نوجوان ڇوڪري گھر ۾ ويھارڻ بلڪل بہ سھي ناهي، ادا خميسا توهان ڏي اخبار بہ روزانو ايندي آهي، ملڪ جا حالات ته اوهان پاڻ ڏسندا آهيو، ادا اڄ ڪالھ جي ماڻھن ۾ ڏي، پيڙ، ۽ نياڻي جي بلڪل بہ سجاڻ ناهين، اڄ ڪالھ جا ماڻھو رڇ، پولا، ٿي ويا آهن.

پر خميسو ڳوٺ وارن جي ڳالھ تي عمل ڪرڻ بدران ڪاوڙجي اٿيو هليو ويندو هو ۽ ويتر چوندو هو ته منهنجي نياڻي جي توهان کي ڏاڍي فڪر لڳي پئي آهي، پلا منهنجي معصوم ڏي اوهان جي گھران ڪائيندي آهي چا؟ جڏهن بہ آئون گھر کان ٻاهر نڪران ٿو توهان سڀ ڳوٺ وارا وٺ وٺ ڪري ويندا آهيو، ڪونہ اٽائيندس پنهنجي نياڻي، جيستائين آئون زنده آهيان تيستائين پنهنجي نياڻي جي هرگز شادي ڪونہ ڪرائيندس، ڪاوڙ واري لهجي ۾ چوندو هو سيني کي منهنجي نياڻي جي لڳي پئي آ،

خميسي جا ڪيترائي مائٽ سميرا جو رشتو ونڊ لاءِ آيا پر خميسو نٻ انڪار ڪري ڇڏيندو هو،

نہ جاڻ ته سميرا جو ڳوٺ جي ڪنهن نوجوان سان چڪر هلندڙ هو، هر روز موبائيل تي اها ئي سس پس ٿيندي هئي ته ڪڏهن ڀجي هلون چو ته هاڻي گھڻو وقت پري نہ ٿا رهي سگھون، ۽ سياري جون سرد، سانت، ۽ طويل راتيون هڪٻئي ڪانسواءِ گھارڻ تمام مشڪل ٿي پويو آهن،

سميرا بہ شايد موقعي جي تلاش ۾ هئي، هڪ ڏينهن وجھ ونڊي پنهنجي چاهيندڙ کي فون ڪيائين ته اڄ رات نيڪ 1 وڳي نڪرڻ جي تياري ڪجان،

سندس چاهيندڙ چيس، نيڪ آ پر رات ڪٿي ملندين؟

سميرا چيس ته رات مان پنهنجي گھرياتين کي نشو ڏيندس بس تون منهنجي گھر هليو اچجان،

نيڪ آ مان رات نيڪ هڪ وڳي پهچي ويندس،

رات ٿي ته سميرا ماني کان پوءِ پنهنجي گھرياتين کي چانھ ۾ نشي جون گوريون وجهي ڏنيون ۽ چند ساعتن کانپوءِ گھر جا سيئي پاتي نشي ۾ الوٽ تي بيهوش ٿي پيا،

نيٺ هڪ ٻه ٽيو ويو ۽ چاهيندڙ ٻه اچي ويس، سميرا تڪڙ تڪڙ ۾ ٽيلهي ۾ ڪپڙا ۽ گهر جا سمورا زيور کڻي پنهنجي چاهيندڙ سان نڪري پئي،
صبح جو جڏهن خميسي سميت ٻين گهرياتين کي هوش آيو تہ سميرا جي ڪٽ خالي ڏسي حيران ۽ پريشان ٿي ويا ۽ هڪٻئي کان وائڙا ٿي پڇڻ لڳا تہ سميرا ڪٿي آ سميرا ڪٿي آ؟
نہ ڄاڻ سميرا جي ننڍي ڀيڻ حميرا کي خبر هئي تہ سميرا جي ڳوٺ جي نوجوان سان سنگت هئي.
گهڻي سوچ ويچار کان پوء حميرا چوڻ لڳي بابا خميسا مون کي لڳي ٿو سميرا پنهنجي ڳوٺ واري نوجوان واجد سان ڀڄي وئي آهي،
چا،،،،،،،،،،،،،،؟
خميسو وڏي رڙ ڪري زمين تي بيهوش ٿي ڪري پيو،
گهروارن زور وغيره ڏئي پاڻي جا ڇنڊا هٿي هوش ۾ آندائونس،
هوش ۾ اچڻ کانپوء جهونو خميسو ويچارو ڏاڏيون ڪري روئڻ لڳو، ۽ چوڻ لڳو اي منهنجا الله هي چا ٿي ويو، روئندي روئندي چوڻ لڳو هاڻي آئون ڳوٺ وارن کي چا جواب ڏينداس، ڳوٺ وارا تہ مونکي طعنا ڏئي ماري وجهندا،
پنهنجي ونيءَ کي ڪاوڙ ۽ روئڻڙ انداز ۾ سڏ ڪري چيائين،
او چنڊي رن هي هٿ ٻڌائين ٿو الله کي مڃ ڳوٺ ۾ وڃين هوڪا نہ ڏجان، خاموش رهجان آئون سياڻي وڏيري کي چئي ڳڃهه ڳوهه ۾ ڇوڪري کي واپس موڪائيندس،
رات ٿي پر هنن پريشاني سبب گهر ۾ ماني وغيره ڪونہ پچائي، خميسي ويچاري جي تہ سڄي رات سوچن ۾ گذري وئي ۽ سڄي رات ننڊ ئي ڪونہ ڪيائين،
صبح جا 9 ٽيا تہ اخباري هاڪر روز جي معمول موجب اخبار ڏيڻ آيو،
دروازو کڙڪايائين،
خميسي پڇيو ڪير آهين؟
سائين آئون آهيان اخباري هاڪر،
خميسي دروازو کولي اخبار ونيءَ اندر هليو
پهرين تہ خميسو ڪنڊو ائين هو جو اخبار ونيءَ گهر کان ٻاهر وڃي ڳوٺ جي پنج اٺ معزز ماڻهن سان گڏ ويهي پڙهندو هو، پر هن پيري ائين ڪونہ ڪيائين
هو پريشاني سبب اندر هليو ويو، روز جي معمول موجب هو عينڪ اکين تي چاڙهي ڪرسي تي ويهي اخبار پڙهڻ ويهي رهيو، اخبار جون مين سرخيون پڙهڻ کانپوء اخبار جو ٻيون صفحو هٿ ۾ کنيائين، جيئن ئي ٻيون صحفو پڙهڻ ويٺو تہ پهرين پهرين

هن کي پسند پرڻي جي خبر ڏسڻ وٺان ملي، نہ ڇاڙ اها خبر هن جي ذي سميرا ۽ ڳوٺ جي نوجوان واجد جي هئي جنهن ۾ سميرا جو بيان هو تہ مون کي ڪنهن بہ اغوا ناهي ڪيو مان پنهنجي رضا خوشي سان پنهنجي ڳوٺ واسي واجد سان پسند جو پرڻو ڪيو آهي جنهن تي اسان جي برادري جا ماڻهو اسان جي جان جا ويري بڻجي ويا آهن، ۽ اسان کي مارڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن اسان اعليٰ اختيارين کي هٿ ٻڌي اپيل ٿا ڪريون تہ موتمار ڏمڪيون ڏيندڙ ڦلاڻن ڦلاڻن کي گرفتار ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي،

جڏهن خميسو اها خبر پڙهي ٿو تہ خميسي جا چرڪ نڪري وڃن ٿا،

خميسو هڪدم اخبار کي ڪرسي تي رکي وڏيري ڏي وڃڻ لڳو،

ان ڏينهن خميسي جي غيرمودگي ۾ ڳوٺ وارن بہ اخبار گهرائي ورتي هئي،

خميسو جيئن ئي گهر کان ٻاهر نڪتو ڪجهہ وکون اڳتي وڌايائين تہ انهن معزز ماڻهن جي خميسي تي نظر پئي ۽ سڏ ڪري چيائون،

ادا خميسا اسان هي اخبار ۾ ڇا پڙهيو آ بابا،

خميسو روئڻهارکو منهن ڪري چوڻ لڳو ادا اوهان سهي پڙهيو آهي هي ڳالهہ بلڪل بہ سهي آهي،

ايتري ۾ اتي موجود هڪ همراه وڏي آواز ۽ ڪاوڙ ۾ خميسي کي چوڻ لڳو،،

خميسا ياءِ اسان تہ توکي چئي چئي ٽڪجي پياسين تہ چوڪري جي شادي ڪرائي جان ڇڏائي پر تو تہ اسان جي هڪ بہ ڪونہ ٻڌي هاڻي ٻلا ڪاڏاءِ ڪٽيو،

اهي لفظ خميسي جي دل ۾ گولي وانگر پيهي ويا، هو روئندو روئندو وجي وڏيري جي اوطاق تي پهتو، وڏيري خميسي کي ڏسي سڄو راز پروڙي ورتو، وڏيرو خميسي کي چوڻ لڳو خميسا تو واري نياڻي جي خبر آئون اخبار ۾ پڙهي اٿم، بابا هاڻي آئون بہ ڪجهہ ڪونہ ڪري سگهندس، ڇاڪاڻ تہ چوڪري ڪورٽ ۾ شادي ڪئي آهي ۽ آئون قانون سان حرڪت ڪونہ ڪندس، بابا مون کان ڪم زور اٿئي، جڏهن وڏيري جواب ڏنس تہ خميسو گهر واپس وڃڻ لڳو،

گهر موٽڻ شرط گهرياتين پڇيس تہ

ڏي حال وڏيري ڇا چيو؟

وڏيري جواب ڏنو، خميسي پريشاني ۽ هينئين لهجي ۾ چيو،

اهڙي خبر جڏهن گهرياتي ٻڌن ٿا تہ گهر ۾ روڄ راڙو مچي وجي ٿو، چار پنج ڏينهن خميسو شرم کان گهر کان ٻاهر بہ ڪونہ نڪتو، گهر ۾ ويهي ويهي اچي بور ٿيو نيٺ چهين ڏينهن ٻاهر نڪتو،

جيئن ئي ٻاهر نڪتو سيئي ڳوٺ وارا طعنا، مهڻا ڏيڻ لڳيس، هر ڪنهن جي زبان تي اها ئي ڳالهه هئي، خميسا اسان جو توکي چيو هو نياڻي کي اڻائي جان ڇڏائي هاڻي پلا کاڏاءِ ڪٽيو،

خميسي بعد ۾ ڏاڍو پڇتايو ۽ سوچڻ لڳو ته يار جيڪڏهن انهيَ ڏينهن لاپرواهي نہ ڪيان ها ۽ ڳوٺ جي چگڻ ماڻهن جي ڳالهه تي عمل ڪري نياڻي جي وقتي طور شادي ڪرايان ها ته جيڪر مٽان ايتري نوبت نہ اچي ها،

هو ڳوٺ وارن کان ڏاڍو شرمنده هيو، ۽ ڳوٺ وارن ۾ هر ڀيري بي عزتو ڪري هن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو هو،

ويچارو ڳوٺ وارن جي طعنن، مهڻن، کان تنگ اچي نيٺ هڪ ڏينهن پکي ۾ رسو وجهي خودڪشي ڪري زندگي جو آنت آڻي ڇڏيائين،،

فراق

ڪون بچسان درد تيڏي وچ رو رو دم ڏيسان،
آپين سڌسين دل ٽٽ پوسي هڪ ڏينهن مر ويسان،
دماغ تي هٿ رکيون ڪرسي تي ويهي اداس حال ۾ منظور سخيراڻي جو مٿيون ڪلام وڏي آواز سان ٻڌي رهيو هو، اوطاق جي پاسي کان لنگهيس ته وڏي آواز ۾ ڪلام ٻڌي هڪ دم اوطاق ڏي ڪاهي پيس،
اوطاق ۾ پهچندي ئي اسلام وعليڪم چيم،
ڪلام جو آواز گهٽ ڪندي چيائين
وعليڪم سلام، آ اندر اچ،
نواب ياءِ خير ته آهي اڄ ته ڏکائتو ڪلام پيو ٻڌين؟
بس يار نه پڇ،
يار پڇڻ ته آيو آهيان مون کي ٻڌائي ته ڇا مسئلو آ؟
بيوفا سڃڻ مون جو ويڙهو ويران ڪري ويا ۽ پاڻ وجي پنهنجو ويڙهو وسايائون اٽئون،
مان نه سمجهيس نواب؟
يار بس رهڻ ڏي خوامخواه منهنجا زخم تازا نه ڪر،
قسم ٽي پياري ماڻهو جو ٻڌائي،
وڏو شوڪارو پري چيائين،، يارر ماري ڇڏيوءِ،
هاڻي ته ٻڌائڻو پيو، دراصل ڳالهه ائين آ جو اڄ کان تقريبن چار سال پهرين هڪ سندر، سهڻي، سيبتي، ۽ سنهڙي چوڪري سان پريت جا پيچ اڙيا هئا، مان هن کي ۽ هو مون کي ڏاڍو پسند ڪندي هئي، روزانو هڪٻئي جو ديدار نه ٿئي ته دل کي سڪون نه اچي، منهنجو پرين شروعات ۾ اهڙو ته اڙانگو هو جو راضي ٿيڻ جو نالو ئي نه پيو وٺي،
پوءِ؟
پوءِ ڇا آئون ٻه دل جو دل ۾ پڪو پهه ڪيو ته ڪجهه ٻه ٽي پوي پر هن سهڻي کي ته لازمي پنهنجو ڪندس، ٻن سالن جي ڊگهي جدوجهد کانپوءِ آخر سهڻن هار مڃي،
واهه، پلا ڏي حال تو هن کي پهريون پيرو ڪٽي ڏنو هو؟
منهنجي ننڍڙي ڀائرن جي سنت طهر هئي ان ڏينهن اسان جا سڀ مٽ مائٽ رسم رواج موجب اسان جي گهر آيل هئا آئون ته ٻاهر شادي جي ڪم ڪار ۾ لوهه هيس پر

گهر ۾ کو اهڙو کم ٿي پيو جنهن سبب گهر اچڻو پيو، گهر ۾ پهچڻ شرط جيئن ئي هن اپسراء تي نظر پئي کجهه پل لاءِ آئون موبائيل وانگر هينگ ٿي ويس، سنهڙا چپڙا، ڳاڙها ڳل، ڏگها وار، شرابي اکڙيون، معصوم ادائون، ۽ سنهڙي چيلهه، هاءِ نه پڄ جڻ ته مڏوبالا هجي، هي کير آ؟ کٽان جي آ؟ کجهه ساعتن لاءِ آئون سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏي ويس،.

ايتري ۾ ٻاهريان رڙ آئي، اڙي هل نواب جلدي سامان کڻي اچ، ها ها آيو آيو کري ٻاهر نکري ويس،

پوءِ چا ٿيو؟

پوءِ هڪ پيرو وري هن جو مکڙو پسڻ لِ اندر اچڻو پيو پڇڻ تان معلوم ٿيو ته هو سامهون واري ڳوٺ جي آهي،

پوءِ؟

پوءِ نياپو موکليو مانس، پر پهرين پيري ته هن کنگهيو ئي کونہ، آئون ٻه هر روز نئون نياپو موکليندو هيس، نيٺ ٻن سالن کانپوءِ هن چيو هاڻي بس گهڻو ٿيو آئون تنهنجي آهيان، هي جسم، جان تنهنجي مٿان قربان، منهنجو جيئڻ مرڻ تو سان آهي،

پوءِ؟

پوءِ مسلسل چار سال هن سان خوب نيايو هيم،

اڃا اوهان شروعات ۾ هڪ ڳالهه کئي هئي ته

بيوفا سڃڻ مون جو ويڑهو ويران کري ويا ۽ پاڻ وجي پنهنجو ويڑهو وسايائون اٽئون،، ان ڳالهه جو چا مقصد آهي؟

لڙک وهائيندي چيائين منهنجو پرين بيوفا نڪتو، سات نيائڻ جا ۽ گڏ رهڻ جا واعدا کري پاڻ وجي پنهنجو ويڑهو وسايائون،

ويڑهو مطلب مان نہ سمجهيس؟

روئندي چيائين، منهنجو پرين هاڻ هن دنيا ۾ ناهي رهيو،،

سياسي پوتار

اليڪشن ۾ ڪجھ ڏينھن پيا ھئا تہ ھڪ ڏينھن منھنجو شھر وڃڻ ٿيو شھر پھچڻ شرط مختلف اميدوارن پاران لڳايل ڪيمپن تي سياسي گيتن جي گونجار ھئي، ائين لڳو پئي جڻ ھي ڪيمپن وارا ھڪبئي سان مقابلو ڪيون بينا آھن تہ جنھن جي راڳ جو آواز وڏو..... سو ھڪ ڪيمپ تي ھڪ وڏي آواز ۾ گيت ھلي رھي رھيو ھو جنھن جا بول ھئا " ڀُٽي جا دشمن اسان ڳولھي ڳولھي ماريناسين " ان کان بعد ٿورو اڳتي وڌيس تہ ھڪ بي ڪيمپ تي ٻيو گيت ٻڌڻ ۾ آيو جنھن جا بول ھئا " روڪ سڪو تو روڪ لو تبديلي آئي ري " اھڙي طرح تقريبن 8 ڪيمپن تي مختلف سياسي پارٽين جا گيت وڏي آواز ۾ گونجي رھيا ھئا، انھن ڪيمپن جي پاسي مان جيڪو ماڻھو بہ گذري پيو ڪنن تي ھٿ ڏئي پوء گذري پيو ڇاڪاڻ تہ اسپيڪرن جو آواز وڏو ڪيون بينا ھئا،

نہ اُھي ڪيمپن وارا آزان جي وقت گيتن جو آواز بند ڪن پيا ۽ نہ ئي وري ڪنھن معزز جي چوڻ تي گيت بند ڪن پيا، بس رڳو جُھمر جو ٽڙڪو لڳو پيو ھو، ڪجھ وقت آئون سوچن جي سمنڊ ۾ غوطا کائڻ لڳس، ھي ڪھڙا مسلمان آھن جيڪي آزان جو بہ احترام نٿا ڪن، چلو خير شھر مان گھر جو سامان وغيره وني ڳوٺ پھتس ڏسان تہ ڳوٺ جا ڪجھ فرد ھٽن ۾ گلاب جا گل ڪٽي ڪنھن جي انتظار ۾ بينل آھن آئون بہ جلدي ۾ گھر ڏي سامان رکي پوئين پيرن واپس آيس، غُلو کان پڇيم، غُلو ڏي خبر خير تہ آھي ھي ڇا جو ماندارڻ متل آھي؟

چيائين پوتار ورڪ تي اچي ٿو اُن جي آسري ۾ بينا آھيون، پوتار تہ 2 وڳي اچڻ جو وقت ڏنو ھو پر ھِن مھل 4 ٽين ٽا اجان تائين ناھي آيو،

دل ۾ سوچيم اِھي وڏا ماڻھو ھوندا بہ اِئين آھن، ڪجھ گھڙيون غُلو سان حال احوال اورڻ کانپوء، ڏسان تہ ڪچي رستي تان 20 گاڏيون ڏوڙ اڏامديون اسان جي ڳوٺ طرف اچن ٿيون، ڳوٺ وارن جي چھري تي مرڪ اچي وئي، ڳوٺ وارن چيو پوتار اچي ويو جھٽ گھڙي کانپوء پوتار بہ ھڪ وڏي لينڊ ڪروزر گاڏي مان پنھنجا قدم مبارڪ زمين تي رکيا، ھيڏانھن ھڪ ھمراه وڏي آواز ۽ ھڪئي ساھي ۾ چيو نعراااااااا اي،،،

مون کي سمجھ نہ پئي آيو تہ آخر پوتار کھڙو کارنامو سرانجام ڏنو آھي جو ان جي مٿان گلاب جا گل مينھن وانگر وسي رھيا آھن، سوچيم ھي پوتار تہ اھو آ جيڪو پوئين اليڪشن ۾ ووٽ ونڊ جي لالچ ۾ ڳوٺ وارن کي ترقي جا ڪوڙا خواب ڏيکاري ووٽ ونڊي ڪامياب ٿيڻ کانپوء ڳوٺ ڏي منھن ئي نہ ڪيائين،،،، اتي موجود ھر ماڻھو جي خواھش ھئي تہ آئون پوتار کي ياڪر پائي ملان پر پوتار ووٽن جي لالچ ۾ مجبورً ماڻھن سان ملندو رھيو، ان کان بعد پوتار اوطاق تي پھتو، اوطاق تي پھچڻ شرط پوتار سيني ڳوٺ وارن کي خوش چگو پلو ڪري چيائين، ڳوٺ واراؤ آئون شرمنده آھيان تہ 5 سالن ۾ اوھان جي ڪابہ سار ناھيان لڌي، مان اوھان جي مسئلن کان بلڪل واقف آھيان، بس ھڪ پيرو ٻيھر مون کي آزمائي ڏسو ڏاڙھي تي ھٿ گھمائيندي چيائين

آئون مڙساڻو واعدو ڪيان ٿو جيڪڏھن آئون اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي ويس..

ڳوٺ جي نوجوانن ڏانھن اشارو ڪندي چيائين

ھنن پڙھيل لکيل نوجوانن کي روزگار بہ ڏيندس، ۽ ھن ڳوٺ جا روڊ، رستا، ڊرينيج سسٽم، نھرائڊ سميت اسٽريٽ لائٽون بہ لڳائي ڏيندس، ان کان بعد بہ منھنجي بنگلي جو در اوھان جي لاء 24 ڪلاڪ کليل ھوندو جيڪو بہ اوھان جو ڪم ھوندو انھي مھل ٿي ويندو، توھان ڳوٺ وارن جي شابس آ جو اوھان ھر پيري مونکي ئي ووٽ ڏيندا آھيو،

پوتار پنھنجي ڳالھ ختم ڪئي تہ ايتري ۾ ڳوٺ جي ھڪ معزز چيو پوتار اوھان اسان جي اگڙ تي آيو آھيو اسان اوھان تي ھڪ پيرو ٻيھر اعتماد ڪيون ٿا ۽ اسان وچن ڪيون ٿا تہ سموري ڳوٺ جا ووٽ اوھان کي ئي ملندا،، پوتار ھلکي مسڪراھٽ چھري تي آڻي چيائين چاچا وڏي مھرباني، ان کان بعد پوتار ڳوٺ وارن کان موڪلاڻي ڪري پنھنجي راھ ڏانھن راھي ٿيو،

آخر ڪجھ ڏينھن ۾ اليڪشن جي تاريخ بہ اچي وئي ڳوٺ جا سمورا ووٽ بہ پوتار جي ڪاتي ۾ ھليا ويا، سرڪاري نتيجا اچڻ کانپوء معلوم ٿيو تہ پوتار ڪامياب ٿي ويو، پوتار جي ڪاميابي جي خبر ٻڌي ڳوٺ وارن جا چھرا خوشي ۾ ٻھڪي پيا، ڳوٺ وارن سمجھيو ھاڻ بدنصيب ڳوٺ کي اسان وارو پوتار ڪنوار جيان سينگھارينڊو،

تعليم، روزگار، پڪا رستا، صحت جون سھولتون، مطلب تہ ڳوٺ وارن سوچيو ھاڻ اسان جي زندگي بہ شھري ماڻھن جيان گذرندي، ھاڻ ھو پوتار مان ايم، اين، اي ٿي ويو،

کجهه مهينن کانپوء ڳوٺ وارن پاڻ ۾ صلاح مشورو ڪيو ته پاڻ ۾ پوتار کي ووٽ ڏنا ۽ پوتار اليڪشن ۾ ڪامياب به ٿي ايم، اين، اي، ويو آهي، هاڻي هلو ته سياڻي ايم، اين، اي، صاحب کي واعدو ياد ڏياري اچون،

صبح جو 10 وڳي ڳوٺ وارا ايم، اين، اي، عرف پوتار جي بنگلي تي پهتا،

اتي موجود پوتار جي نوڪرن کان پڇڻ تي معلوم ٿيو ته پوتار اسلام آباد آهي، پوتار جي غيرمودگي جو ٻڌي ڳوٺ وارا واپس پنهنجي ڳوٺ ڏانهن راهي ٿيا، 5 ڏينهن کانپوء ٻيهر بنگلي تي ويا پر وري به پتو پيو ته پوتار لاهور آهي.

پندرهن ڏينهن کانپوء وري ٻيهر ڳوٺ جا معزز ماڻهو پوتار کي واعدو ياد ڏيارڻ لاء سندس بنگلي تي ويا پر وري به معلوم ٿيو ته اڄ پوتار ڪراچي آهي، اهڙي طرح ڳوٺ وارا جڏهن به پوتار سان ملڻ وڃن ته پوتار جو ڏس ڪڏهن لاهور، اسلام آباد، ملتان، ملي ته ڪڏهن ڪراچي، حيدآباد، ۽ سکر ملي، ڳوٺ وارن تقريبن پوتار جي پويان ڏيڍ سال پنڌ ڪيو پوتار جو ملڻ ته گهوريو پنهنجي جاء تي پر ديدار به نصيب ڪونه ٿيو، آخر اقتدار جي پوجاري ۽ نڱ پوتار پنهنجا واعدا وفا نه ڪيا، ڳوٺ وارن جو ڳوٺ جي ترقي وارو خواب به چڪناچور ٿي ويو پر ها ڳوٺ وارن ڏاهن کي ڏس ڏنو ته ٻيلي خدا جي واسطي اهڙي نڱ سياسي پوتار کي ڪڏهن به ووٽ نه ڏجو،،

انتقامي ڪاروائي

ربنواز جو ڳوٺ اسان جي ڳوٺ کان تقريبن 2 ڪلو ميٽر جي فاصلي تي هو، ربنواز پاڻ هڪ بهترين استاد سان گڏوگڏ امن پسند، جهيڙي ٽاڙ، علم عقل ڏاهپ جا درس ڏيندڙ، ۽ پڙهيل لکيل تعليم يافتہ ڳوناڻو هو، هن وٽ هر مسئلي کي ڳالهين ذريعي حل ڪرڻ جي بہ خاص مهارت حاصل هيس، هو اسان جي ڳوٺ واري مڊل اسڪول ۾ ٻارن کي پڙهائيندو هو، هڪ ڏينهن اچانڪ استاد ربنواز ڏڪندو، ڪرندو، ٽاپڙندو، اسان جي ڳوٺ پهتو، چهري تي خوف جي لهر ڄانيل هيس ۽ سڄو بت ڪرڙي وانگر ڏڪي رهيو هيس، گهر اندر اچي ڏڪندي ۽ گهبراهٽ واري لهجي ۾ چيائين تہ تکڙ ڪيو دروازو بند ڪيو ۽ ڪنهن کي ٻڌائجو نہ تہ ڪو آئون هتي آهيان،

استاد ربنواز خير تہ آهي، ادا اصغر پڇيس،

بس ادا خير وري ڪهڙي؟ وڏيري انتقامي ڪاروايون شروع ڪيون آهن، ۽ هن اسان غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، جيڪڏهن انهي ڏينهن وڏيري کي ووٽ ڏيون ها تہ جيڪر اڄ چورن، ڏاڙيلن، ۽ ڏوهارين، وانگر اسان جي پويان پوليس نہ هجي ها، اڄ وڏيري جي چرچ تي اسان جي گهر ۾ پوليس وڃ جيان ڪڙڪي پئي آهي، ۽ آئون وجهہ ونڊي هيستائين پهتو آهيان،

استاد ربنواز ڪهڙي وڏيري جي ڳالهہ ڪيو ٿا؟ اصغر پڇيس،

ادا اصغر اِهو وڏيرو جيڪو هاڻ نئون ايم، اين، اي ٿيو آهي،

پر اُهو ايم، اين، اي، اوهان جي پويان ڇو لڳو آهي؟

ڇيائين، ادا اصغر ڳالهہ ڪجهہ ائين آهي جو اڄ کان 5 ڏينهن پهرين وڏيري جي برادري جي ڪجهہ شرپسند ماڻهن منهنجي رستا روڪ ڪري بنا ڪنهن غلطي ۽ بنا ڪنهن سبب جي منهنجو گريبان ڦاڙي مون کي چماٽون هنيون ۽ قتل ڪرڻ جون موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون، آئون جڏهن اهڙي شرپسند ۽ بدمعاشن جي دانهن حد جي ٽاڪي تي ڪٽي ويس تہ ايس، ايڇ، او، منهنجي ايف، آءِ، آر، داخل نہ ڪئي، ۽ ويتر دهمان، دڙڪا، داٻا ڏيندي ڇيائين، مون کي خبر آ ڏي تون ڪتيرو مڙس ماڻهو آهين، اُنهن غريبن ۽ شريفن سان وڙهي ۽ اُنهن کي ڪُٽي، پنهنجي گريبان ڦاڙهي اُنهن تي ڪوڙا ڪيس ڪرائڻ چاهين ٿو، اهڙي طرح هنن منهنجي فرياد داخل نہ ڪئي ۽ مان چُپ ڪري وڃي پنهنجي گهر وينس، اصغر ڀاءِ اوهان کي تہ خبر آ آئون اڄ تائين ڪنهن سان اُڃائي ناهي ۽ نہ ئي ڪنهن سان وڙهيو، ۽ا جهيڙيو، آهيان، مان تہ هڪ امن پسند، استاد آهيان،

اُهي شرپسند ڪير هئا اصغر پڇيس؟
اُهي وڏيري جا وانا هئا.
پر انهن اوهان سان اِئين ڇو ڪيو؟
چيائين دراصل اليڪشن کان ڪجهه ڏينهن پهرين وڏيرو اسان جي ڳوٺ ۾ ورڪ تي آيو هو، ۽ وڏيري منهن هيٺ ڪري چيو ته ڳوٺ وارؤ اسان جي مثال ۾ اُنهن موسمي ڏيڏرن جيان آهي جيڪي سانوڻ جي موسم ۾ ٽران ٽران ڪري ٻاهر نڪرندا آهن، بلڪل اِئين جيئن اسان سياسي ماڻهو اليڪشن جي موسم ۾ بنگلن مان نڪري شهرن، ڳوٺن، ۽ وستين طرف نڪري پوندا آهيون، سو ڳوٺ وارؤ جيئن ته اوهان کي خبر آهي ته اليڪشن جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي اسان اوهان وٽ اِها آس اميد کڻي پهتا آهيون ته ماضي کي وساري هن ڀيري اسان کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو انشاالله اوهان جي ڳوٺ کي پئرس بڻائي ڇڏيندس، ۽ بيروزگار نوجوانن کي نوڪريون ونڊي ڏيندس.
معزز هجڻ جي ناطي سيئي ڳوٺ وارا منهنجي ڪيل فيصلي تي راضي هوندا آهن، سو انهي ڏينهن وڏيري جي اچڻ کان ڪجهه ڪلاڪ پهرين ڳوٺ وارن سان صلاح مشوري کان پوء اها ڳالهه طئي ڪئي سين ته هيل وڏيري کي ووٽ ناهن ڏيڻا، ۽ پنهنجي تڪ تي وڏيري جي مقابلي ۾ پڙهيل لکيل نوجوان فرد بينو آهي ووٽ ان کي ڏينداسين.
سو وڏيري پنهنجي ڳالهه ختم ڪئي ايتري مان ۾ اٿي ڪري وڏيري جي اڳيان شڪايتن جا انبار لڳائي ڇڏيا، چيم سائين گذريل 20 سالن کان اسان اوهان کي ووٽ ڏيندا آيا آهيون ۽ اوهان هر ڀيري ڪامياب ٿيندا آهيو پر اسان جي ڳوٺ ۾ ته هڪ ٽڪي جو ڪم ڪونہ ڪرايو اٿئو، سائين اسان معزرت ڪيون ٿا چو ته هن ڀيري اسان ڳوٺ واسي پنهنجو قيمتي ووٽ اوهان کي ڪونہ ڏينداسين، ايتري ۾ وڏيرو ڪاوڙ ۾ اٿيو هليو ويو..
پوء چا ٿيو؟
پوء چا اسان جنهن کي ووٽ ڏنا اهو ويچارو وڏيري کان هارائي ويو ۽ وڏيرو اليڪشن ۾ ڪامياب ٿي ايم، اين، اي ٿي ويو آهي ۽ هاڻ اسان غريبن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو اٿس، غريب آهيون صبر ڪيون وينو آهيون شل وڏيري کي الله پڄي.

اختصاري کهاڻيون

بي زبان جو انت

هن ڏي ننڍڙي ڇوڪري ڀڄندي اچي ٿي،
بابا بابا،
جي ڪيان؟
هو پنهنجي ڪٽڪ ۾ خميسي جي ٻڪري ڪٽڪ ڪائي ٿي بيني،
هو هڪدم ڪٽ ڪان اڻي پنهنجي ڪٽڪ ڏي وجي ٿو،
ء ٻڪري کي ڊوڙائي ڊوڙائي آخر پڪڙي وجهي ٿو،،

ظالم زميندار ٻڪري کي پڪڙيندي ئي ڪاوڙ وچان
ٻڪري جي پيٽ ۾ هڪ مڪ، بي مڪ، ٽين مڪ، چوٽين، پنجين، اصل اٽ، ڏڻ،
مڪان ٻڪري جي پيٽ ۾ وهائي ڪڍي ٿو،

ايتري ۾ گرڀ ٻڪري آڪاش ۾ اکيون اٽڪائي رڙ ڪري ٿي،

ء اها رڙ چند ساعتن ڪانپوء هميشہ هميشہ جي لاء خاموش ٿي وجي ٿي،

شاعر جي ڏيءَ

رات جي سانت ۾ جڏهن شهر جي سموري مخلوق سميت شهر جو شور ۽ گجگوڙ ۽ آرام ۾ هو، تڏهن هڪ ينگستر ڪنواري ڇوڪري اٿي ٽي، ۽ پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ٽي، ۽ ڪمپيوٽر اسٽارٽ ڪري ٽي، ڪجھ ساعت ڪانپوء هڪ سنڌي ڪلام هلائي ٽي،

تڏهن سندس بابا ڪلام جي آواز تي سڃاڻ ٽي پوي ٿو، ۽ ڏي جي ڪمري ۾ هليو وڃي ٿو، ڪلام جا بول ٻڌي ٿو تہ ڪاوڙ وچان پنهنجي ڏي جي ڪُٽي تي چمات وهائي ڪڍي ٿو ۽ ڏي سان مخاطب ٿيندي چوي ٿو،
ڇوري ٻڌي نٽي مرين هڪ بيڪار ۽ ڇڙواڳ ڪلام ٻڌين ٽي،

تڏهن سندس ڏي معصوماٽي انداز ۾ چويس ٽي،

بابا هن ڪلام جي شاعري بہ اوهان جي ٽيل آهي،

تڏهن هو شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪري ٻاهر هليو وڃي ٿو،

پٽڪيل غيرت

فهد پنهنجا اورڻ اوريندي چيو، مان پريت جا پيچ اڙائي وينو آهيان، هن جو عڪس منهنجي من جي پاتال ۾ پيهي ويو آهي، جڏهن هو منهنجي سامهون گذري ٿي، تڏهن هن جي سڳند منهنجي روح کي راحت بخشي ٿي، سوچان ٿو تعليم کي تيلي ڏئي، هن کي راضي ڪري، يونيورسٽي مان پڃائي، عشق جو ڪو سنسان ۽ الڳ آستان وسايان،

چيومانس، هو آهي ڪير، ۽ ڪٿان جي آهي؟

چيائين ڪير آهي ڪٿان جي آهي، ڪا خبر ناهي؟ پر يار آهي صفا مست، چا ٻڌايائين، چا تہ هن جون اپريل چاٽيون آهن، چا تہ هن جي چيلهه آهي، جڏهن هو وک وڌائي ٿي تڏهن هن جا ارهه لڏن ٿا، ۽ منهنجي وجود کي سيڪس جي بک ڏيارين ٿا، هاڻ آئون ڪيترن ئي ڏينهن کان سوچن جي دنيا ۾ غائب آهيان تہ آخر هن سان پيار جو اظهار ڪيئن ڪيان؟

چيم هو ڪٽي رهي ٿي؟

چيائين يونيورسٽي ۾ مون سان گڏ پڙهي ٿي،

چيم جتي اوهان کي حياء، ادب، اخلاق، علم، عقل، ڏاهپ، سجاڻپ، ۽ سياڻپ، جو درس ملي ٿو انهيَ درسگاهن ۾ اوهان اهڙا افعال ڪيو ٿا، ٻڌي نٿا مرو،

چيائين بابل اتان جو ماحول آزاد آهي، اتي عشق کان ڪير ڪنهن کي روڪي نٿو سگهي، چاڪاڻ جو اتي نہ چوڪرين جا ماءُ، پيءُ، پائر هجن ٿا، ۽ نہ ئي ڪو هنن جو مٺ مائٺ هجي ٿو، اسان کي استاد چون ٿا ڪنهن سان زبردستي نہ ڪيو باقي جيڪو اوهان سان راضي ٿئي، ان سان نينهن جو ناتو نيائيندا رهو، ۽ عشق جي آگ اجهائيندا رهو،

تڏهن آئون نماڻي انداز ۾ چيومانس، فهد ساڳئي هنڌ تنهنجي " پيٽ " ۾ پڙهي ٿي، تڏهن هو ڪجهه ساعت سانت ٿي ويو، شايد ضمير پوندو ڏنس، ۽ شرم وچان، ڪنڌ هيٺ ڪري اٿي هليو ويو،

سوچ

سندس گهر جي دروازي اڳيان 2 نوجوان هڪٻئي سان کل، پوڳ ڪري رهيا هئا،
هو هڪدم گهر کان ٻاهر نڪري اچي ٿو،
ٻنهي نوجوانن کي گريبان کان جهلي ٻہ چماٽون هڻي
چوي ٿو،
توهان کي حيا شرم نٿو اچي جو دروازي جي اڳيان بينا آهيو، سامهون اسان جا گهر آهن ۽ اسان جا ٻار بي پردگي سان وينا آهن،
ٻنهي نوجوانن کي دهمان، داٻا، ڏڙڪا، ڏئي ڪمري ۾ پنهنجي عورتن سان T.V تي انگ اگهاڙين ڊانسرن جي رقص ڏسڻ لاء ويهي رهيو،
وڏا وڏا ٽهڪ ڏئي چوي ٿو چوريون واااااه جي ڊانس ٿيون ڪن،

صحافي

چيائين صحافي آهين؟
چيم بلڪل.
ڪڏهن کان؟
گذريل چئن سالن کان!
پوءِ صحافت ۾ تنهنجو نالو ته مشهور ڪونهي، لڳي ٿو ته شايد متحرڪ ناهين.
چيومانس، سهڻا، دراصل مان بليڪميلر ناهيان.

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ ڀٽ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو ته تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت ڀٽ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ نايابورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نيائيندا.

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book